ABC
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ھڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) اربع 28 آڪٽوبر 2026ع 16 جمادي الاول 1448ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيا شمارو (74)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Wednesday 28th October 2026
سال (18) اڱارو 27 آڪٽوبر 2026ع 15 جمادي الاول 1448ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيا شمارو (36)
Daily Ibrat Karachi

سنڌ ۾ نئين صوبي واري معاملي تي فل اسٽاپ لڳائي ڇڏيو آهي، هاڻي اهو معاملو اڳتي نٿو وڌي سگهي: پ پ چيئرمين

وفاقي حڪومت ڪراچي ۾ ٽڪي جو ڪم ناهي ڪرايو، وفاق جا نمائندا رڳو نفرت پکيڙين ٿا: بلاول ڀٽو

نئين صوبي واري معاملي تي پيپلز پارٽي جو موقف واضح آهي ۽ ڪيترائي ڀيرا سامهون اچي چڪو آهي، سنڌ جي عوام ۽ چونڊيل نمائندن پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي

سنڌ جي قسمت جو فيصلو رڳو سنڌ جو عوام ئي ڪري سگهي ٿو، سياستدانن جو ڪم ماڻهن ۾ نفرت ۽ ويڇا پيدا ڪرڻ ناهي، پر وفاق جا نمائندا رڳو نفرت پکيڙڻ ۾ مصروف آهن

وفاقي حڪومت کي ڪراچي تي ڌيان ڏيڻ گهرجي، جيڪڏهن شهر ۾ وفاقي ۽ صوبائي ادارا گڏجي ڪم ڪن ته عوام جي بنا ڪنهن فرق ۽ متڀيد جي خدمت ڪري سگهجي ٿي

حڪومت جو فرض آهي ته عوام لاءِ آسانيون پيدا ڪري، ملڪ ۾ مهانگائي ۽ بيروزگاري عروج تي آهي، سنڌ حڪومت عوام تي معاشي بار گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي

بجلي جا بل ايترا وڌي ويا آهن جو عوام لاءِ انهن جي ادائيگي ڏکي ٿي پئي آهي، خواهش آهي ته سڄي لياري کي شمسي توانائي تي منتقل ڪريون، سنڌ حڪومت ڪوششون ڪري پئي: پ پ چيئرمين

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وفاق سان 28هين آئيني ترميم بابت ڪنهن به قسم جي مشاورت جي ترديد ڪندي چيو آهي ته سنڌ اسيمبلي سنڌ ۾ نئين صوبي جي معاملي تي فل اسٽاپ لڳائي ڇڏيو آهي ڪراچي ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته صوبي واري معاملي تي پيپلز پارٽي جو موقف واضح آهي ۽ ڪيترائي ڀيرا سامهون اچي چڪو آهي هن چيو ته سنڌ جي عوام ۽ چونڊيل نمائندن پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي سنڌ جي قسمت جو فيصلو رڳو سنڌ جو عوام ئي ڪري سگهي ٿو هن چيو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: ڪويت نيول فورس جي ڪمانڊر خواجہ محمد آصف سان ملاقات ڪندي

خيبر پختونخوا ۾ منڪي پاڪس ڪيسن ۾ واڌ، 72 ڪلاڪن دوران 4 نوان ڪيس رپورٽ

پشاور (اي پي پي) خيبر پختونخوا ۾ منڪي پاڪس ڪيسن ۾ واڌ ڏٺي پئي وڃي، خيبر پختونخوا جي صحت کاتي جي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

آمريڪا سان معاهدي ڪان پوءِ روس ڊيزل جي پيداوار ۾ اضافو ڪري ڇڏيو

ماسڪو (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان معاهدي ڪان پوءِ روس ڊيزل جي پيداوار ۾ اضافو ڪيو آهي ۽ آمريڪا کي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پيٽروليم ليوي ۾ گهٽتائي لاءِ وفاقي حڪومت ۽ جماعت اسلامي ۾ اتفاق، نومبر ۾ اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ جو چتاءُ

وزيراعظم شهباز شريف سان جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان ملاقات ڪئي، جنهن ۾ پيٽروليم ليوي گهٽائڻ جي حوالي سان معاملن تي ڳالهايو ويو

هاڻي اسلام آباد مارچ ملتوي نه ڪنداسين، حڪومت مارچ کان اڳ ليوي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو نظام جوڙي، ليوي جو بار وچولي طبقي ۽ غريب ماڻهن تي پئجي رهيو آهي: حافظ نعيم

نومبر جي وچ ڌاري مارچ ضرور ٿيندو، حڪومت وٽ 10 ڏينهن گهربا آهن، اسان جو مارچ شروع ٿيڻ کان اڳ رليف پئڪيج جو اعلان ڪري اهو پٽو ختم ڪيو وڃي: حافظ نعيم

جماعت اسلامي احتجاج نه ڪري ها ته ڇا حڪومت پيٽرول تي اهو رليف ڏئي ها، بلڪه 80 رپين واري ليوي 160 رپيا ڪري ڇڏي ها: امير جماعت اسلامي جي وزيراعظم سان ملاقات بعد پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جماعت اسلامي ۽ حڪومتي ڪميٽين ۾ پيٽروليم ليوي ۾ گهٽتائي جي طريقيڪار تي اتفاق ٿي ويو آهي، وزيراعظم شهباز شريف سان جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان ملاقات ڪئي جنهن ۾ پيٽروليم ليوي گهٽائڻ جي حوالي سان معاملن تي ڳالهايو ويو. ٻئي پاسي جماعت اسلامي ۽ حڪومتي ڪميٽين وچ ۾ پيٽروليم ليوي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان جماعت اسلامي جي وفد جي اڳواڻي ملاقات ڪندي

پاڪستان ۽ چين پاران چائنا پاڪستان انفارميشن ڪوريڊور (سي پي آءِ سي) جو افتتاح

سي پي آءِ سي جو مقصد ٻطرفي تعاون سان عوام تي پوندڙ اثرن کي اجاگر ڪرڻ آهي: وزير اطلاعات

پاڪستان ۽ چين هن سال سفارتي لاڳاپا قائم ٿيڻ جي 75هين سالگرهه ملهائي رهيا آهن: عطاءُ الله تارڙ

ميڊيا تعاون تحت ٻئي ملڪ خبرن ۽ ٻئي مواد جي مٽاسٽا ڪندا ۽ گمراهه ڪندڙ معلومات جو حقيقتن جي ذريعي مقابلو ڪندا

انفارميشن ڪوريڊور چار بنيادي شعبن تي ٻڌل هوندو جنهن ۾ ميڊيا تعاون، ڪاروبار ۽ ٿنڪ ٽينڪس ۽ شامل آهن

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ چين چائنا پاڪستان انفارميشن ڪوريڊور (سي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ ڪشمير ۾ ڀارتي فوج جي داخلا ۽ ڌاڙ خلاف مذمتي ٺهراءُ منظور

والاريل ڪشمير جي عوام جي ڪشمير ۽ خودارادیت وارو حق حاصل ڪرڻ لاءِ جاري جدوجهد ۽ قربانين خراج تحسين پيش

جمون ڪشمير جي پرامن حل ۽ ڪشميري عوام کي پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي: قرارداد جو متن

ڀارت پنهنجي آئين ۾ ڪشمير جي جاگرافيائي حيثيت تبديل ڪرڻ لاءِ آئيني شقن کي ختم ڪيو جيڪو ناقابل قبول عمل آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾ 27 آڪٽوبر 1947ع تي جمون ڪشمير ۾ ڀارتي فوج جي داخلا ناجائز ۽ ڌاڙ ذريعي قبضي تي مذمتي ٺهراءُ منظور ڪندي قرار ڏنو ويو آهي ته والاريل ڪشمير جي عوام جي ڪشمير ۽ خودارادیت وارو حق حاصل ڪرڻ لاءِ جاري جدوجهد ۽ قربانيون خراج تحسين پيش ڪن ٿيون گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُن مطابق جمون

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ جمهوريه چيڪ ۾ لاڳاپا وڌيڪ مستحڪم ٿيندا: صدر

گڏيل مفاد تي ٻڌل تعاون جي نئين شعبن ۾ حصيداري جا موقعا پڻ ڳوليا ويندا

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته پاڪستان ۽ جمهوريه چيڪ جي وچ ۾ پراڻا ۽ دوستاڻا لاڳاپا

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪشميرين سان هر موقعي تي يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا: آصفه ڀٽو

ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ ڪشمير جي صورتحال تي مرڪزي ڌيان ڏنو وڃي

اسان کي احساس آهي ته ڪشميري عورتن شديد نقصان ۽ مشڪلاتون برداشت ڪيون آهن

پاڪستان جون عورتون ۽ ٻار ڪشميري عورتن ۽ ٻارن سان گڏ بيٺل آهن: خاتون اول

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول بي بي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سان سعودي سفير جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جون قراردادون ڪشمير مسئلي جي حل لاءِ اهم بنياد آهن: نائب وزيراعظم

ڀارت 27 آڪٽوبر 1947ع تي غيرقانوني قدمن سان جمون ۽ ڪشمير تي قبضو ڪيو، پاڪستان ڪشميرين جي حمايت جاري رکندو

ڪشميري "ڪشمير بڻجندو پاڪستان" جي نعري جي تڪميل ۽ آزادي ضرور حاصل ڪندا، هي هر پاڪستاني جي دل جو آواز آهي

ڪشميري عوام کي خودمختياري جي حق کان محروم نٿو ڪري سگهجي، ڀارت والاريل ڪشمير ۾ آبادي جو تناسب تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پيو

ڪشميرين جي جدوجهد هڪ ڏينهن رنگ لائيندي، پاڪستان جو 25 ڪروڙ عوام پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ بيٺل آهي: اسحاق ڊار

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار چيو آهي ته ڀارت 27 آڪٽوبر 1947ع تي غيرقانوني قدمن سان جمون ۽ ڪشمير تي قبضو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: نائب وزيراعظم/پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جمون ۽ ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي موقعي تي ڪشمير يڪجهتي واڪ جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ ۽ گلگت بلتستان صوبن وچ ۾ صحت، روينيو ۽ ٻوڏ متاثر گهرن جي ٻيهر تعمير ۾ سهڪار تي

ڪراچي ۾ وڏي وزير مراد علي شاهه سان گلگت بلتستان جي وڏي وزير امجد حسين آزاد ملاقات ڪئي

گلگت بلتستان ۾ دل جي اسپتال کي اپ گريڊ ڪرڻ لاءِ ٽيڪنيڪي ۽ ادارتي سهڪار فراهم ڪرڻ جي هدايت

روينيو بورڊ جي قيام ۽ ٻوڏ متاثر 200 گهرن جي ٻيهر تعمير لاءِ ڪم شروع ڪرڻ سميت ٻين معاملن تي ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه آڪاري ڏينهن گلگت بلتستان جي وڏي وزير امجد حسين آزاد کي صحت جي سهولتن کي بهتر بنائڻ روينيو نظام کي مضبوط ڪرڻ ۽

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گلگت بلتستان جو وڏو وزير ملاقات ڪندي

يمن جي حوثين جو سعودي وزارت دفاع تي حملو 2 جهاز تباهه ڪرڻ جي دعويٰ، ولي عهد جو هنگامي اجلاس

سعودي عرب جي شهر نجران جي هوائي اڏي تي ٻن فوجي ٽرانسپورٽ جهازن ۽ ان سان گڏ مشيط ۾ هڪ فوجي اڏي کي نشانو بڻايو آهي، ميزائيل فائر ڪيا ويا: حوثين جي دعويٰ

سعودي عرب جو هڪ فوجي جهاز نجران ايئرپورٽ تي نشانو بڻايو ويو، ٻيو جهاز مشيط واري فوجي اڏي تي نشانو بڻيو، جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي جهاز تباهه ٿي ويا: پرڏيهي خبر ادارو

سعودي ولي عهد محمد بن سلمان رياض ۾ ڪابينا جي هنگامي اجلاس جي صدارت ڪئي، ايران ۾ ٿيندڙ ڳالهين جو جائزو ورتو ويو ۽ اهم فيصلا ڪيا ويا، خطي جي صورتحال تي به غور

سعودي عرب خطي ۾ سلامتي ۽ استحڪام قائم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ ان سلسلي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهندو، ڪنهن به صورت ۾ پنهنجي سلامتيءَ تي سمجهوتو نه ڪنداسين: ولي عهد محمد بن سلمان

اجلاس دوران حوثين پاران 'باب المندب' ۽ ايران پاران 'آبنائي هرمز' کي بند ڪرڻ سبب پيدا ٿيندڙ چئلينجن جي تناظر ۾، خام تيل جي پيداوار ۽ ان جي نقل و حمل لاءِ نئين انتظام ۽ امڪانن تي پڻ بحث ڪيو ويو

صنعا/رياض (مانيٽرنگ ڊيسڪ) يمن جي حوثين دعويٰ ڪئي آهي ته هنن سعودي عرب جي شهر نجران جي هوائي اڏي تي ٻن فوجي ٽرانسپورٽ جهازن ۽ ان سان گڏ خميس مشيط ۾ هڪ فوجي اڏي کي نشانو بڻايو آهي بين الاقوامي خبرن جي ايجنسي 'رائٽرز' موجب، حوثي ترجمان يحيٰ سريع سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس (X) تي دعويٰ ڪئي ته سعودي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪشمير مسئلي جو منصفاڻو حل ڏکڻ ايشيا جي پائيدار امن لاءِ اهم آهي: سينيٽ چيئرمين

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته

وزير دفاع سان ڪمانڊر ڪويت نيول فورس جي ملاقات، دفاعي تعاون تي اتفاق

ملاقات ۾ ٻه طرفي لاڳاپن ۽ علائقائي سلامتي سميت ٻين معاملن تي به ڳالهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) بچاءُ واري وزير

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: چيف جسٽس آف پاڪستان جناب جسٽس يحيٰي آفريدي انٽروبو سيشن کان پوءِ فيڊرل جوڊيشل اڪيڊمي ۾ جاري قانوني تعليم پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ بلوچستان جي بار ميمبرن جي وفد سان ورتل گروپ فوٽو

سنڌ ۾ ڪمند جو اگهه مقرر نه ٿيڻ ۽ پيڙهائي شروع نه ٿيڻ خلاف آبادگار بورڊ جو وڏو وزير کي خط

حڪومت ڏهاڪن کان هلندڙ روايت ختم ڪري آبادگارن کي شگر ملن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي: محمود نواز شاهه

ڪمند جي پيڙهائي ۾ دير سبب ننڍن ۽ وچولن آبادگارن جي ڪڻڪ جي پوک متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي

وڏي وزير کان ڪمند جو سرڪاري امدادي اگهه مقرر ڪرڻ ۽ پيڙهائي شروع ڪرائڻ لاءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جو مطالبو

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌ آبادگار بورڊ ڪمند جو اگهه مقرر نه ٿيڻ ۽ ڪمند جي پيڙهائي شروع نه ٿيڻ تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي ڪمند جو اگهه مقرر ڪرڻ ۽ پيڙهائي شروع ڪرائڻ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ۽ صوبي جو عوام ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ بيٺل آهي: شرجيل ميمڻ

ڀارت ناپاڪ ارادن سان ڪشمير ۾ داخل ٿي ڪشميري عوام جي حقن جي لتاڙ ڪري رهيو آهي

گڏيل قومن ۽ عالمي برادري کي قراردادن تي عملدرآمد لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

ڪشميري عوام پنهنجن حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي، پاڪستان سندن حمايت جاري رکندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته 27 آڪٽوبر 1947ع ڪشمير ۽ ڏکڻ ايشيا جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي ان ڏينهن ڀارت ناپاڪ ارادن سان ڪشمير ۾ داخل ٿيو ۽ ڪشميري عوام جي حقن

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي ۾ ڪشمير جي حوالي سان تقريب کي وي سي خطاب ڪندي

باڪو ۾ پاڪستاني سفارتخاني ۾ ڪشميرين سان يڪجهتي طور تقريب، تصويري نمائش

باڪو (اي پي پي) باڪو ۾ پاڪستاني سفارتخاني ۾ ڪشميرين سان يڪجهتي طور ڪارو ڏينهن ملهايو ويو ان حوالي سان

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سنڌ اطلاعات کاتي ۾ 32 آفيسرن ۽ ملازمن کي اڳين گريڊن ۾ ترقي ڏني وئي

سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار شيخ ۽ ڊي جي پبلڪ رليشنز يوسف ڪابورو جي صدارت ۾ اجلاس ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اطلاعات کاتي سنڌ حڪومت مختلف ڊائريڪٽوريٽس ۽ ڪيڊرز ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ 32 آفيسرن ۽

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي ۾ ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي حوالي سان تقريب منعقد

تقريب دوران ڪشميرين مٿان ٿيندڙ ڀارتي ظلم بابت مختصر دستاويزي فلم پيش ڪئي وئي

نوجوانن کي ڪشمير جي تاريخي پسمنظر کان آگاهه ڪرڻ تعليمي ادارن جي گڏيل ذميواري آهي: وي سي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي (ايس ايم آءِ يو) جي ڊائريڪٽوريٽ آف اسٽوڊنٽ افيئرز اينڊ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا ۾ بجلي ۽ گئس جي لوڊ شيڊنگ جو نوٽيس ورتو وڃي: جمال شاهه ڪاڪڙ

اسلام آباد (اي پي پي) مسلم ليگ (ن) جي قومي اسيمبلي ميمبر جمال شاهه

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جا پرڏيهي ناڻي جا ذخيرا وڌي 21.5 ارب ڊالر تائين پهچي ويا

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: صوبائي وزير سعيد غني گلگت بلتستان جو وڏو وزير ۽ ٻيا ريلي ۾ شريڪ آهن

آءِ بي اي سکر يونيورسٽي ۾ ڪشميري عوام سان يڪجهتي لاءِ سيمينار منعقد ڪيو ويو

ڪشمير جو مسئلو هڪ ڏکوئيندڙ عرصي کان هلندڙ پيچيده تڪرار آهي: وي سي پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ

مسئلي جي حل لاءِ تاريخي حقيقتن، قانوني پهلوئن ۽ علائقائي صورتحال کي سمجهڻ ضروري آهي

ڪنهن به قوم جي حقيقي طاقت ۽ ترقي ان جي پنهنجي ملڪ اندر مثبت ۽ بامعني ترقي تي منحصر آهي

سکر (بيورو رپورٽ) آءِ بي اي يونيورسٽي سکر جي مين ڪيمپس ۽ سب ڪيمپس ۾ ڪشمير ڪارو ڏينهن ملهايو ويو جنهن جو مقصد ڪشمير جي مسئلي بابت شعور اجاگر ڪرڻ ۽ ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ هو ان موقعي تي مختلف سرگرميون منعقد ڪيون ويون جن ۾ يڪجهتي واڪ، هڪ منٽ جي خاموشي، شاگردن جي تقرير، ڪشمير جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: نيب چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل (ر) نذير احمد ۽ نيب آفيسر نيب (هيڊڪوارٽر) ۾ 140 هين سينئر مئنيجمينٽ ڪورس، اين آءِ ايم اسلام آباد جي مهمان شرڪت ڪندڙن سان ورتل گروپ فوٽو

سينيٽ ۾ ميڊيا ڪارڪنن جي برطرفين ۽ پگهارن جي عدم ادائيگي جو معاملو اٿارڻ جو فيصلو

ميڊيا ڪارڪنن ۽ ملازمن کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ مستقل خصوصي ڪميٽي قائم ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي وئي

سينيٽ چيئرمين سان به ڳالهائيندس، ميڊيا ڪارڪنن جي پگهارن جي عدم ادائيگي جو معاملو ماضي ۾ به سامهون ايندو رهيو آهي: ناصر بٽ

سينيٽ جي هڪ مستقل خصوصي ڪميٽي قائم ڪئي وڃي جيڪا ميڊيا ڪارڪنن جي جبري برطرفين، پگهارن جي عدم ادائيگي ۽ ٻين مسئلن جو جائزو وٺي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ ۾ آڪاري ڏينهن ميڊيا ڪارڪنن جي جبري برطرفين پگهارن جي عدم ادائيگي ۽ ملازمن کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ مستقل خصوصي ڪميٽي قائم ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي وئي مسلم ليگ (ن) جي سينيٽر ناصر بٽ چيو ته ان سلسلي ۾ سينيٽ چيئرمين سان به ڳالهه ڪئي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: ڪشمير جي ماڻهن سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪشميري عوام جي جائز جدوجهد ۽ سندن حقن جي حمايت جاري رکي ويندي: شام سندر آڏواڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ميمبر سنڌ اسيمبلي وڏي وزير سنڌ جي اقليتي معاملن بابت خاص معاون ۽ چيئرمين سنڌ ايويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ڪشمير جي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

نوشڪي ۾ گرلز ڊگري ڪاليج اندر هٿياربندن جي فائرنگ، 3 شاگرديائون زخمي

هٿياربند مک دروازي کان اندر داخل ٿي پرنسپال جي آفيس ۾ گهڙي آيا: ايڊمن آفيسر

نوشڪي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نوشڪي ۾ گرلز ڊگري ڪاليج اندر هٿياربندن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ 3 شاگرديائون

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سياسي مسئلا ڳالهين ذريعي حل ڪيا وڃن: بئريسٽر گوهر

مسئلن جي حل لاءِ حڪومت سان جلد ۽ تعميري ڳالهيون ٿيڻ گهرجن

عمران خان کي گهرڀاتين سان ملاقات جي اجازت نه ڏيڻ غيرانساني رويو آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي چيئرمين بئريسٽر گوهر چيو آهي ته سياسي مسئلن

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سوشل ميڊيا کي اثرائتي ضابطن هيٺ آڻڻ وقت جي ضرورت آهي: طارق فضل

جعلي خبرن ۽ سوشل ميڊيا جي غلط استعمال جي روڪٿام لاءِ قدم کنيا رهيا آهيون

جعلي خبرن جي پکيڙ جا منفي اثر سڄي دنيا ۾ سامهون اچي رهيا آهن ۽ پاڪستان به متاثر آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي عدالت پاران ناري کي بليڪ ميل ڪرڻ واري ڪيس ۾ جوابدار 9 سال قيد جي سزا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل ضلعي جي جوڊيشل مئجسٽريٽ عدالت رشتو رد ٿيڻ تي ڇوڪريءَ جون غيراخلاقي تصويرون ۽ وڊيوز ذريعي بليڪ ميل ڪرڻ واري ڪيس ۾ جوابدار اويس ضياءَ کي ڏوهاري قرار

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: ميئر بيرسٽر مرتضيٰ وهاب واٽر پمپنگ اسٽيشن جو افتتاح بعد دعا گهري رهيو آهي

ايران جا ميزائل يورپ ۽ آمريڪي شهرن تائين پهچي سگهن ٿا: ٽرمپ

ايران جا ميزائيل آمريڪي شهرن سان ڊياگو ۽ لاس اينجلس تي حملن جي صلاحيت رکن ٿا

اسان وٽ ايران خلاف فوجي ڪارروائي ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به رستو نه هو: آمريڪي صدر

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته ايران اهڙا ميزائل تيار ڪري ورتا آهن جيڪي يورپ تائين پهچڻ ۽ آمريڪي شهرن جن ۾ سان ڊياگو ۽ لاس اينجلس شامل آهن تي حملو ڪرڻ جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

گلگت بلتستان کي عبوري طور قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ نمائندگي ڏني وڃي: وڏو وزير امجد حسين

ڪشميري عوام جي حق خوداراديت کي برقرار رکندي عوام کي آئيني حق ڏيڻ ضرورت آهي

صوبي ۾ معدنيات جي ليز پليسر گولڊ جي نگراني ۽ رائلٽي جي نظام ۾ خامين کي ختم ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلگت بلتستان جي وڏي وزير امجد حسين آزر چيو آهي ته گلگت بلتستان کي عبوري طور قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ آف پاڪستان ۾ نمائندگي ڏني وڃي ۽ اين ايف سي ايوارڊ ۾

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ ۽ اترين علائقن ۾ موسم جزوي ڌنڌلي رهڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب عورت فوت ۽ فائرنگ جي واقعي ۾ نوجوان زخمي ٿي پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي بلديه ٽائون ڪالوني ۾ گهر ۾ ڪم ڪرڻ دوران بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب 25 سالن جي عورت فوت ٿي وئي، جڏهن ته

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

منگهوپير، مومن آباد ۽ اورنگي ٽائونز جي ترقياتي ڪارڪردگي ۽ مالي صورتحال جو جائزو

ڊپٽي ڪمشنر ڪراچي علي ذوالفقار ميمڻ جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

ٽائون جي مجموعي صورتحال، ترقياتي منصوبن، عوامي مسئلن ۽ مڪاني ادارن جي ڪارڪردگي بابت بريفنگ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي جي صدارت هيٺ منگهوپير، مومن آباد ۽ اورنگي ٽائونز جي ترقياتي ڪارڪردگي مڪاني معاملن ۽ مالي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ اهم

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ڪشميري عوام سان خودمختياري لاءِ گڏ آهي: دانيال چوڌري

ڪشميري ڀارتي ڌاڙ ۽ رياستي سرپرستي ۾ ٿيندڙ تشدد کي منهن ڏئي رهيا آهن

عالمي برادري ڪشميري عوام کي بنيادي حق ڏيارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته پاڪستان

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي، ڪي ايس اي 100 انڊيڪس ۾ 1428 پوائنٽس جو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ آڪاري ڏينهن تيزي جو

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ پاڪستان ايڊورٽائيزنگ ايسوسيئيشن جي وفد جي پي آءِ ڊي جي پرنسپل انفارميشن آفيسر سان ملاقات، اشتهاري معاملن تي ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ايڊورٽائيزنگ ايسوسيئيشن (پي اي اي) جي چيئرمين

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: پاڪستان ايڊورٽائيزنگ جو وفد پي آءِ ڊي جي پرنسپل انفارميشن آفيسر سان ملاقات ڪندي

والاريل ڪشمير ۾ پائماليون عالمي برادري لاءِ فڪر جو لمحو آهن: حنيف عباسي

27 آڪٽوبر ڪشمير جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي، جڏهن ڀارت فوجي طاقت سان قبضو ڪيو

ڪشمير مسئلي زمين جو تڪرار ناهي پر لکين ڪشميرين جي حق خوداراديت جو معاملو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي موقعي تي ڪشميري

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني جي خاطري تي صحافين پريس گيلري جو واڪ آئوٽ ختم ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني جي خاطري تي صحافين پريس گيلري ساز

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

عورتن کي معاشي طور بااختيار بڻائڻ پائيدار معاشي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي : سعيد غني

ڪاروباري عورتن کي ٽيڪنالاجي ۽ مارڪيٽن تائين محدود رسائيءَ جهڙين رڪاوٽن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو

اسان جو مقصد عورتن جي ڪاروباري آمدنيءَ ۾ واڌارو ڪرڻ، باعزت روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ آهي

مالي ادارا ۽ ترقياتي پائيوارن عورتن جي اڳواڻيءَ ۾ هلندڙ ڪاروبارن جي لاءِ سهائتا ڪن: نمائش کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني چيو آهي ته عورتن کي معاشي طور بااختيار بڻائڻ رڳو برابريءَ جو معاملو نه پر پائيدار معاشي ترقيءَ لاءِ پڻ ضروري

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: پاڪستان ۾ ڪرغزستان ريسلنگ چيمپئن شپ 2026 دوران ورتل گروپ فوٽو


پشاور: ڪي پي ڪي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي موقعي تي خطاب ڪندي

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن، سکر

PHED

”اسان جو ايمان، ڪرپشن کان پاڪ پاڪستان“

جايون خالي آهن

پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن سکر (ڊولپمينٽ) جي آفيس ۾ BS-01 کان BS-04 تائين جي نان ٽيڪنيڪل عهدن تي مقرري

سکر ضلعي جو ڊوميسل رکندڙ اميدوارن کان پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن سکر (ڊولپمينٽ) جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي آفيس ۾ هيٺ ڏنل عهدن تي مقرري لاءِ درخواستون گهرجن ٿيون:

نمبر	عهدو	بي پي ايس	عمر جي حد	قابليت / تجربو	ڊوميسل ۽ پي آر سي
1	ڊرائيور	04	18_30	i) هلندڙ ايل ٽي وي ڊرائيونگ لائسنس هجڻ ضروري آهي. ii) لاگ بڪ سنڀالڻ جي صلاحيت هجڻ گهرجي iii) لاڳاپيل شعبي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن جو تجربو هجڻ گهرجي.	ضلعو سکر
2	هيلپر	02	18_30	ترجيحي طور تي پڙهيل لکيل ماڻهو	
3	چوڪيدار	01	18_30	ترجيحي طور تي پڙهيل لکيل ماڻهو	
4	نائب قاصد	01	18_30	ترجيحي طور تي پڙهيل لکيل ماڻهو	
5	پلمبر	05	18_30	ترجيحي طور تي پڙهيل لکيل ماڻهو	

شرط ۽ ضابطا / عام هدايتون:

1. تعليمي قابليت، سي اين آءِ سي، ڊوميسل، پي آر سي ۽ تجربي جي سرٽيفڪيٽ (جيڪڏهن ضرورت هجي) جي تصديق ٿيل ڪاپين ۽ ٻن پاسپورٽ سائيز تصويرن سان گڏ درخواستون، ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ڊولپمينٽ) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن، ضلعي ڪائونسل هال ويجهو، لوڪل بورڊ، سکر جي آفيس ۾ جمع ڪرائڻ گهرجن.
2. درخواستون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 20-11-2026 آهي.
3. ضابطن تحت، عورتن لاءِ 15% ڪوٽا، اقليتن لاءِ 5% ڪوٽا، ۽ خواجه سرائن لاءِ 0.5% ڪوٽا لاڳو هوندي.
4. معذور ماڻهن جي 5% ڪوٽا تحت مقررين پهريان ئي ڊپٽي ڪمشنر سکر جي صدارت هيٺ اڳ ۾ منعقد ڪيل ڊي ايس سي جي گڏجاڻين ذريعي ڪيون ويون آهن.
5. جيڪي اميدوار اڳ ۾ ئي سرڪاري نوڪري ۾ آهن، اهي پنهنجي لاڳاپيل کاتن / مناسب رستن ذريعي درخواست ڏين.
6. عمر ۾ عام ڇوٽ ضابطن ۽ سنڌ حڪومت جي ايس جي اي اينڊ سي ڊي (SGA & CD) جي تازي نوٽيفڪيشن مطابق لاڳو هوندي.
7. ڪنهن به طرح يا طريقي سان سفارش ڪرائيندڙ اميدوارن کي نااهل قرار ڏنو ويندو.
8. خالي جاين جو تعداد سنڌ حڪومت جي پاليسي فيصلي تحت وڌائي يا گهٽائي سگهجي ٿو: ڪنهن کي به ان جي خلاف چئلينج ڪرڻ جو حق نه هوندو.
9. صرف اهل / شارٽ لسٽ ٿيل اميدوارن کي ٽيسٽ / انٽرويو لاءِ گهرايو ويندو.
10. چونڊيل اميدوار / مقرر ڪيل ماڻهو ٻن سالن جي پروبيشن مدت تي هوندا، جنهن ۾ هڪ سال جي اضافي واڌ ڪري سگهجي ٿي.
11. ٽيسٽ / انٽرويو ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ ڪو به ٽي اي / ڊي اي (TA/DA) نه ڏنو ويندو.

INF/KRY/4779/2026

ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن،
سکر

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
سائبر ڏوهن ۾ واڌ، شهرين جا اربين رپيا
صفحو 4

محمد خان ابڙو
ايمرجنسي: اقتدار جي ناڪامي يا
صفحو 4

غلاميءَ جو هڪ نئون روپ
جويريه صديق
صفحو 4

غلام نبي مگسي
ذهني دٻاءُ: دشمن نه، زندگيءَ جو پيغام!
صفحو 4

ڪوٽ غلام محمد مائنر جي پڇڙيءَ ۾ پاڻي جي هڙادو ڪوٽ ۾ مبينا ناانصافين خلاف احتجاج

آبادگارن پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ايف او تنظيم اختيارين خلاف سخت نعريبازي ڪئي

ڪوٽ غلام محمد مائنر جي پڇڙيءَ جا آبادگار پاڻيءَ جي ڦڙي ڦڙي لاءِ پريشان آهن، زمينون بنجر بڻيل آهن: آبادگار

ايف او تنظيم آبادگارن کي پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ فراهم ڪرڻ بدران مبينا طور مِنڊ جي بااثر آبادگارن جي مفادن جو تحفظ ڪري رهي آهي


ڪوٽ غلام محمد ايف او ڪوٽ غلام محمد جي ٽيل جي آبادگارن جو پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ڪوٽ غلام محمد مائنر جي پڇڙيءَ ۾ پاڻي جي هڙادو ڪوٽ ۾ مبينا ناانصافين خلاف آبادگارن پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ايف او تنظيم اختيارين خلاف سخت نعريبازي ڪئي احتجاج ڪندڙ آبادگار اڳواڻن ايڊووڪيٽ انور پرڪڙي، گدي خان قائمخاني، رياض قائمخاني،محمد موسيٰ خاصخيلي اعجاز قائمخاني ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪوٽ غلام محمد مائنر جي پڇڙيءَ جا آبادگار پاڻيءَ جي ڦڙي ڦڙي لاءِ پريشان آهن سندن زمينون اجايون آهن مال متاع پاڻيءَ لاءِ تڙپي رهيو آهي جڏهن ته چيٽ جي فصلن کي سخت نقصان پهچڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي آبادگار اڳواڻن الزام هڻندي چيو ته شاخ تي قائم ايف او تنظيم آبادگارن کي پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ فراهم ڪرڻ بدران مبينا طور مِنڊ جي بااثر آبادگارن جي مفادن جو تحفظ ڪري رهي آهي سندن چوڻ هو ته مِنڊ جا آبادگار واٽر ڪورس ٽوڙي غيرقانوني نمونى پاڻي ڪٽي وڃن ٿا، جنهن سبب پڇڙيءَ تائين پاڻي نٿو پهچي هنن دانهيندي چيو ته ”ڇا پڇڙيءَ جا آبادگار انسان ناهن؟ ڇا اسان جي زمينن، فصلن ۽ مال متاع کي پاڻيءَ جي ضرورت ناهي؟ مِنڊ وارا پاڻيءَ تي قبضو ڪري ويٺا آهن جڏهن ته پڇڙيءَ جا آبادگار پنهنجي جائز حصي جي پاڻيءَ لاءِ دربدر آهن“ احتجاج ڪندڙن چيو ته ايف او تنظيم جي مبينا من ماني ۽ پاڻيءَ جي غيرمنصفاڻي ورڇ سبب پڇڙيءَ جي آبادگارن جو معاشي قتل ٿي رهيو آهي پاڻي نه ملڻ ڪري فصل متاثر ٿي رهيا آهن جڏهن ته آبادگار اڳ ئي مهانگائي، زرعي خرچن ۽ معاشي پريشانين جي ور چڙهيل آهن هنن نئين مقرر ٿيل ايس ڊي او ايريگيشن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور شاخ جو دورو ڪري ٽٽل واٽر ڪورسز جي مرمت ڪرائي وڃي، پاڻيءَ جي مبينا چوري روڪرائي وڃي ۽ پڇڙيءَ تائين مقرر حصي جو پاڻي پهچائڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن آبادگار اڳواڻن آبپاشي کاتي جي اعليٰ اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو ته ڪوٽ غلام محمد مائنر کي ايف او تنظيم جي انتظام مان ڪڍي ٻيهر ايريگيشن کاتي جي حوالي ڪيو وڃي ته جيئن پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائي پڇڙيءَ جي آبادگارن سان ٿيندڙ ناانصافين جو ازالو ڪري سگهجي احتجاج ڪندڙن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ۽ پڇڙيءَ تائين پاڻي نه پهچايو ويو ته هو پنهنجي حقن لاءِ احتجاج جو دائرو وڌائڻ تي مجبور ٿيندا. واضح رهي ته آبادگارن پاران ايف او تنظيم تي لڳايل الزامن بابت تنظيم ۽ آبپاشي کاتي جو موقف سامهون نه اچي سگهيو آهي

مٺي ۾ ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي طور ريلي

ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي هدايتن تي ريلي نڪتي

27 آڪٽوبر 1947 ڪشميري عوام جي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي: عمير اشرف

مٺي (ڊ-ر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي هدايتن تي ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي طور گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مٺي کان ڪشمير چوڪ مٺي تائين ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عمير اشرف، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري ٿرپارڪر شمس الدين راٺوڙ ڊپٽي ڊائريڪٽر سماجي ڀلائي کاتو ٿرپارڪر ڪيئنراج سنگهه، ڊپٽي ڊائريڪٽر سماجي ڀلائي کاتو ڪيلاش ڪمار پنڊ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ٿرپارڪر نصر الله ساهڙ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر اجي ڪمار روپاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي عملدارن، استادن، شاگردن، واپاري برادري، ميڊيا، سول سوسائٽي ۽ عوام جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن جي هٿن ۾ ڪشمير جي حمايت ۾ بينر ڪنيل هئا ۽ ڪشمير بڻجندو پاڪستان، پاڪستان زنده آباد جا نعره هڻي رهيا هئا. ريلي جي پڄاڻي تي خطاب ڪندي چيو ته 27 آڪٽوبر 1947 ڪشميري عوام جي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي، جڏهن ڀارتي فوجون جمون ۽ ڪشمير ۾ داخل ٿيون ۽ قبضي جي شروعات ڪئي سندن وڌيڪ چوڻ هو ته ڪشميري عوام ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڀارتي ظلمن جبر پابندين ۽ انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙين کي منهن ڏئي رهيا آهن تنهن هوندي به سندن آزاديءَ جو جذبو ۽ حقِ خود اراديت حاصل ڪرڻ جو عزم اڄ به برقرار آهي هنن جو چوڻ هو ته ڪشميري عوام جون قربانيون ۽ پنهنجن بنيادي حقن جي حاصلات لاءِ سندن لڳاتار جدوجهد عالمي برادريءَ جي خاص ڌيان جي گهرجائو آهي جڏهن ته گڏيل قومن ۽ عالمي ادارن کي گهرجي ته هو والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جو نوٽيس وٺن ۽ ڪشميري عوام کي سندن جائز حقِ خوداراديت ڏيارڻ لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪن هنن اميد ظاهر ڪئي ته ڪشمير مسئلي جو حل ڪشميري عوام جي امنگن ۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن موجب پرامن ۽ منصفاڻي طريقي سان ڪڍيو ويندو،ان موقعي تي هڪ منٽ جي خاموشي پڻ اختيار ڪئي وئي ان کان سواءِ نجي اسڪولن جي استادن ۽ شاگردن ڪيئنراج سنگهه نڪر جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب مٺي اڳيان پڻ ريلي ڪڍي وئي ۽ ڪشميرين جي حق ۾ نعريبازي ڪئي وئي.



مٺي ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

دولت پور پرسان منهڙو مائينر کي هڪ ڀيرو ٻيهر ڳوٺ مثل بوزدار سامهون 30 فوٽ ڳهارو

پاڻي جي تيز وهڪري سبب ڪيترائي ايڪڙ سارين ڪمند ۽ ٻيو پوکيل فصل پاڻي هيٺ اچي ويو

ڳهاري سبب آبادگارن کي لکين رپين جو مالي نقصان، اطلاع باوجود آبپاشي عملدار مڪمل لاپتا رهيا

ڳهاري کي جلد کان جلد بند ڪرائي شاخ ۾ پاڻي ڏنو وڃي ته جيئن اسان وقت سر فصل جي پوکائي ڪري سگهون: آبادگار


دولتپورصفن منهڙو مائينر کي هڪ ڀيرو ٻيهر ڳوٺ مثل بوزدار سامهون 30 فوٽ ڳهاري جو ڏيک

دولتپورصفن(ن ع) دولت پور پرسان يوسف ڏاهري موري روهڙي ڪينال مان نڪرندڙ پڪي ٿيل منهڙو مائينر کي هڪ ڀيرو ٻيهر ڳوٺ مثل بوزدار سامهون 30 فٽ ڳهارو پاڻي جي تيز وهڪري سبب ڪيترائي ايڪڙ سارين ڪمند ۽ ٻيو فصل پاڻي هيٺ اچي ويو جنهن سبب آبادگارن کي لکين رپين جو مالي نقصان ڳهاري پوڻ جو اطلاع باوجود آبپاشي عملدار مڪمل لاپتا آبادگارن پاران صحافين اڳيان دانهيندي ٻڌايو ته آبپاشي عمدارن جي نااهلي سبب ڀيريان به منهڙو شاخ کي وڏو ڳهارو لڳو هو جنهن سبب ڪيترائي ئي ڏينهن منهڙو شاخ بند ٿيل هئي ۽ ڪافي ڏينهن کان پوءِ پنهنجي مرضي موجب ڳهاري کي بند ڪري شاخ ۾ پاڻي ڇوڙ ڪيو ويو هو مگر به چار ڏينهن گذرڻ بعد اڄ وري ٻيهر منهڙو شاخ کي ڳوٺ مثل بوزدار سامهون 30 فٽ ڳهارو لڳو آهي ۽ آبپاشي عملو پڻ لاپتا آهي ۽ هن وقت فصلن جي پوکائي جو ٽائم آهي ۽ اگر وري ڀيريان واٽکر منهڙو شاخ کي لڳل ڳهارو کي جلد بند نه ڪيو ويو ته آبادگارن کي سخت نقصان ٿيندو ۽ ان جو ذميوار آبپاشي عملدار هوندا هن آبپاشي جي صوبائي وزير ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ۽ آبپاشي کاتي جي اعلي آفيسرن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته منهڙو شاخ کي لڳل ڳهاري کي جلد کان جلد بند ڪرائي شاخ ۾ پاڻي ڏنو وڃي ته جيئن اسان وقت سر فصل جي پوکائي ڪري سگهون

سلام بينظير ريلي مٽياري پهچي وئي سپاف اڳواڻن پاران شاندار استقبال، گلن جي ورکا

بلاول ڀٽو زرداري هر فورم تي واضح ڪيو آهي ته سنڌ جو عوام سنڌ اندر نوان صوبا ناهڻ نٿو چاهي: منصور شاهاڻي

سنڌ جو عوام نون صوبن جي قيام تي راضي ناهي، سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي، نوان صوبا قائم ٿيڻ نه ڏنا ويندا

نوجوان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت تي اعتماد ڪن ٿا ۽ نوجوانن جون اميدون بلاول ڀٽو زرداري سان وابسته آهن

مٽياري(ڊ ر) سلام بينظير ريلي سپاف سنڌ جي صدر منصور شاهاڻي جنرل سيڪريٽري لالا مراد ۽ انفارميشن سيڪريٽري شهريار ڀڳت جي اڳواڻي ۾ مٽياري پهتي، جتي پاڪ سپاف جي اڳواڻ جميل منگوائو ۽ حسنين ميمڻ پاران ريلي جي شرڪت ڪندڙن جو شاندار استقبال ڪيو ويو. ان موقعي تي سپاف سنڌ جي صدر منصور شاهاڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته خيبر پختونخواهه ۾ به صوبن جي قيام بابت قرارداد پيش ڪئي وئي آهي جڏهن ته پنجاب ۾ پڻ نون صوبن جي قيام بابت قرارداد آئي آهي، پر چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هر فورم تي واضح ڪيو آهي ته سنڌ جو عوام سنڌ اندر نوان صوبا ناهڻ نٿو چاهي. هن چيو ته سنڌ جو عوام نون صوبن جي قيام تي راضي ناهي، سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي، سنڌ ۾ ڪنهن به صورت ۾ نوان صوبا قائم ٿيڻ نه ڏنا ويندا. منصور شاهاڻي وڌيڪ چيو ته سلام بينظير ريلي ڪراچي کان شهيدن جي مزار ڳڙهي خدا بخش ڏانهن روان دوان آهي. هن چيو ته سنڌ جا نوجوان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت تي اعتماد ڪن ٿا ۽ نوجوانن جون اميدون بلاول ڀٽو زرداري سان وابسته آهن

خيرپور ۾ ايل پي جي گئس جي وڌندڙ قيمتن جو ڊپٽي ڪمشنر پاران نوٽيس، ڏنڊ لاڳو

لاڳاپيل اختيارين کي فوري ڪارروائي ۽ صارفين کي سرڪاري اگهن تي گئس جي فراهمي يقيني بڻائڻ جون هدايتون جاري

ڊي سي جي ٽيم پاران معائني دوران ڀڃڪڙين تي ذميوار ماڻهن تي مجموعي طور 2 لک رپين کان وڌيڪ ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا

مقرر ڪيل اگهن تي گئس جي دستيابي يقيني بڻائڻ لاءِ ضلعي انتظاميا طرفان ڪارروائين جو سلسلو جاري رکيو ويندو: ڊي سي

خيرپور(ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر خيرپور جو ايل پي جي گئس جي وڌندڙ قيمتن جو نوٽيس، ڀڃڪڙي ڪندڙن تي 2 لک رپين کان وڌيڪ ڏنڊ لاڳو تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ سوشل ميڊيا تي ايل پي جي گئس مقرر ڪيل سرڪاري اگهن کان وڌيڪ قيمتن تي وڪرو ڪرڻ بابت شڪايت جو نوٽيس وٺندي لاڳاپيل اختيارين کي فوري ڪارروائي ۽ صارفين کي سرڪاري اگهن تي گئس جي فراهمي يقيني بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪيون ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تي عمل ڪندي اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور عمامه سولنگي شيراز ڦلپوٽو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اوگرا راجا غلام علي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سول ڊفينس آصف علي سول ڊفينس ٽيم ۽ پوليس سان گڏجي ضلعي جي مختلف ايل پي جي گئس پلانٽن جو معائنو ڪيو معائني دوران پلانٽن جي اوگرا لائسنس ۽ اين او سيز ضلعي انتظاميا کان حاصل ڪيل لاڳاپيل اسٽاڪ رجسٽرن جي جنڊچاڻ ڪئي وئي ته جيئن لاڳاپيل قانونن ۽ ضابطن تي عملدرآمد يقيني بڻائي سگهجي معائني دوران ڀڃڪڙين تي ذميوار ماڻهن تي مجموعي طور 2 لک رپين کان وڌيڪ ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا. ان موقعي تي ايل پي جي پلانٽن جي مالڪن کي سختيءَ سان هدايت ڪئي وئي ته اهي صارفين کان مقرر ڪيل اگهن کان وڌيڪ قيمتون وصول ڪرڻ کان پاسو ڪن ۽ سرڪاري اگهن مطابق گئس جي وڪري کي يقيني بڻائين ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ان عزم جو اظهار ڪيو ته عوام کي ايل پي جي گئس جي وڌندڙ قيمتن کان بچائڻ صارفين جي حقن جو تحفظ ڪرڻ ۽ مقرر ڪيل اگهن تي گئس جي دستيابي يقيني بڻائڻ لاءِ ضلعي انتظاميا طرفان ڪارروائين جو سلسلو جاري رکيو ويندو

ٽريول ايجنسي مالڪ اشتياق علي فراڊ ڪيو آهي: محمد نعمان شيخ

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي لطيف آباد جي رهواسي ۽ مسجد جي پيش امام محمد نعمان شيخ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته ڪراچي جي ڪاروان سفر جي نالي سان رجسٽرڊ ٽريول ايجنسي مالڪ اشتياق علي سان عمري پيڪيج جي سلسلي ۾ 48 زائرين کي موڪلڻ هڪ ڪروڙ 12لک 70هزار ۾ معاهدو ڪيو جنهن مان اسان 72لک رپيا سندس اڪائونٽ ۾ موڪليا جنهن جون سمورليون رسيدو پڻ موجود آهن پرٽريول ايجنٽ اشتياق علي ڪوڙيون رسيدون ۽ ڪوڙا ڪاغذ ڏيکاري فراڊ ڪيو جڏهن ته رابطو ڪٽي ڇڏيو جنهن بعد اسان جاڻايل فراڊ جي لکت ۾ شڪايت ايف آءِ اي ۽ ٻين ڪاتن شڪايتون داخل ڪرايون جنهن تي ايف آءِ اي جاڻايل ٽريول ايجنٽ جو اڪائونٽ بند ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته اڪائونٽ بند ٿيڻ بعد اشتياق علي فون ڪري چوي ٿو ته اڪائونٽ کولرايو ته مان توهان جي رقم ادا ڪريان ٿو جنهن تي اسان جو موقف آهي ته ڀهريان رقم ادا ڪريو بعد ۾ شڪايت دان هٿ ڪنداسين هن چيو ڳالهه فقط هتي پيسن تائين محدود ناهي اسان جو مطالبو آهي جاڻايل ٽريول ايجنٽ کي گرفتار ڪري ايجنسي سيل ڪري سزا ڏئي اسان کي رقم ڏياري انصاف ڪيو وڃي

خانپورمهر ۾ ڪشمير بليڪ ڊي جي حوالي سان ريلي

ٽائون ڪاميٽي آفيس کان پريس ڪلب خانپور مهر تائين ريلي ڪڍي وئي

گڏيل قومن جي قراردادن موجب حق خوداراديت ڏيارڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن: اڳواڻ

خانپورمهر (ن ع) ٽائون ڪاميٽي خانڳوهه پاران ٽائون آفيسر خادم حسين مهر جي اڳواڻي ۾ ڪشمير بليڪ ڊي جي حوالي سان ٽائون ڪاميٽي آفيس کان پريس ڪلب خانپور مهر تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ٽائون ڪاميٽي جي عملي شرڪت ڪري ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيوان موقعي تي ڪشميري عوام جي حق خوداراديت جي حمايت ڪندي عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ويو ته ڪشمير مسئلي جي حل لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري ۽ ڪشميري عوام کي گڏيل قومن جي قراردادن موجب حق خوداراديت ڏيارڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن.ريلي جو مقصد ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ سندن جدوجهد کي اجاگر ڪرڻ ۽ عالمي برادري جو ڌيان ڪشمير مسئلي ڏانهن ڇڪائڻ هو



گهوٽڪي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ۾ ڪشمير ڏهاڙي تي تقريب

شاگرد مسئلي ڪشمير جي تاريخي پسمنظر کان آگاهه رهن: سڪندر علي مهيسر

ڪشميري عوام جي اخلاقي ۽ سفارتي حمايت لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهنداسين

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ۾ 27 آڪٽوبر ڪشمير ڪارو ڏينهن جي موقعي تي پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر سڪندر علي مهيسر، استادن ۽ شاگردن والاريل ڪشمير جي مظلوم عوام سان ڀرپور يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو. تقريب کي خطاب ڪندي ڪاليج جي پرنسپل پروفيسر سڪندر علي مهيسر چيو ته ڪشمير ڪارو ڏينهن ملهائڻ جو مقصد والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي ظلمن کي اجاگر ڪرڻ ۽ ڪشميري عوام جي حقِ خوداراديت واري جدوجهد جي حمايت ڪرڻ آهي. هن شاگردن تي زور ڀريو ته هو مسئلي ڪشمير جي تاريخي پسمنظر کان آگاهه رهن ۽ ڪشميري عوام جي اخلاقي ۽ سفارتي حمايت لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. ان موقعي تي پروفيسر نظام الدين قاضي پروفيسر عبدالسليم چاچڙ پروفيسر شعيب احمد مهيسر پروفيسر محمد يونس عباسي پروفيسر الطاف ملڪ ۽ پروفيسر عبدالرئوف شيخ پنهنجي خطاب ۾ مسئلي ڪشمير جي تاريخي پسمنظر تي روشني وجهندي چيو ته ڪشميري عوام ڏکهي عرصي کان پنهنجن بنيادي حقن ۽ حقِ خوداراديت جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي. هنن عالمي برادريءَ تي زور ڀريو ته مسئلي ڪشمير جي منصفاڻي حل ۽ ڪشميري عوام کي سندن حق ڏيارڻ لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪيو وڃي. تقريب ۾ ڪاليج جي شاگردن پڻ پُرجوش تقريرون ڪندي والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين ۽ ڪشميري عوام تي ٿيندڙ ظلمن جي مذمت ڪئي. شاگردن ڪشميري عوام جي آزاديءَ واري جدوجهد جي حمايت ڪندي چيو ته سندن قربانيون ڪڏهن به رائيگان نه وينديون. تقريب جي پڄاڻيءَ تي استادن ۽ شاگردن پاران يڪجهتي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ ”ڪشمير بڻجندو پاڪستان“ سميت ڪشمير جي آزاديءَ جي حق ۾ پُرجوش نعرا هنيا ويا. ريليءَ جي شرڪت ڪندڙن ڪشميري عوام جي حقِ خوداراديت جي حمايت ۽ مسئلي ڪشمير جي منصفاڻي حل لاءِ آواز بلند ڪندا رهڻ جو عزم ورجايو.


گهوٽڪي بوائز ڊگري ڪاليج ۾ يوم سياه ڪشمير جي حوالي سان منعقد تقريب کي پرنسپل خطاب ڪندي

سيبس يونيورسٽي ڄامشوري ۾ عورت فيڪلٽي ميمبر کي هراسان ڪرڻ وارو معاملو

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر فنانس جي ٻيهر ڊيوٽي جو حڪم واپس، ملازمت ختم

يونيورسٽي پاران اهو قدم سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ ڪورٽ حيدرآباد طرفان آصف علي شر جي آئيني درخواست رد ڪرڻ کانپوءِ کنيو ويو

آصف علي شر کي سال 2024ع ۾ يونيورسٽي جي هڪ عورت استاد کي هراسان ڪرڻ جي الزامن کانپوءِ ملازمت تان برطرف ڪيو ويو هو

ڄامشورو (پ ر) شهيد الله بخش سومرو (سيبس) يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشورو سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ ڪورٽ حيدرآباد جي 20 آڪٽوبر 2026ع واري حڪم تي عمل ڪندي يونيورسٽي جي اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر فنانس آصف علي شر کي ٻيهر ڊيوٽي تي اچڻ لاءِ ڏنل عبوري رعايت وارو حڪم واپس وٺندي سندس ملازمت فوري طور ختم ڪري ڇڏي آهي سيبس يونيورسٽي جي قائم مقام رجسٽرار پاران جاري ڪيل سرڪاري حڪم ۾ ٻڌايو ويو آهي ته آئيني درخواست نمبر D-1820آف 2024ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ ڪورٽ حيدرآباد جي حڪم جي روشنيءَ ۾ يونيورسٽي جو اڳوڻو آفيس آرڊر، ريفرنس نمبر SABS UNI/Estt:/605/26، سورخ 31 جولاءِ 2026ع، جنهن تحت آصف علي شر کي عبوري رعايت ڏيندي ٻيهر ڊيوٽي جوائن ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي، واپس ورتو وڃي ٿو تنهن حڪم موجب سندس ملازمت فوري طور ختم ڪئي وئي آهي. يونيورسٽي پاران اهو قدم سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ ڪورٽ حيدرآباد طرفان آصف علي شر جي آئيني درخواست رد ڪرڻ کانپوءِ کنيو ويو آهي اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر فنانس پاران سيبس يونيورسٽي جي هڪ عورت فيڪلٽي ميمبر کي هراسان ڪرڻ واري ڪيس ۾ صوبائي محتسب سنڌ جي فيصلي کي چئلينج ڪيو ويو هو آصف علي شر کي سال 2024ع ۾ يونيورسٽي جي هڪ عورت استاد کي هراسان ڪرڻ جي الزامن کانپوءِ ملازمت تان برطرف ڪيو ويو هو يونيورسٽي جي ڪارروائي موجب، يونيورسٽي جي هراسمينٽ ڪميٽي ۽ گرلز ريسڪيو سينٽر ڄامشورو جي الڳ الڳ جاچ واري عمل ذريعي مٿس الزام ثابت ٿيا هئا. ملازمت تان برطرفي کانپوءِ آصف علي شر ان فيصلي خلاف صوبائي محتسب سنڌ سان رجوع ڪيو پر سنڌس درخواست 20 نومبر 2024ع تي رد ڪئي وئي بعد ۾ هن صوبائي محتسب جي فيصلي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ ڪورٽ حيدرآباد ۾ آئيني درخواست نمبر D-1820آف 2024ع داخل ڪئي مختلف ٻڌڻين کانپوءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ 20 آڪٽوبر 2026ع تي درخواست رد ڪري ڇڏي. يونيورسٽي پاران ايڊووڪيٽ پرڪاش ڪمار ۽ ايڊووڪيٽ روي ڪمار يونيورسٽي جي قانوني ٽيم سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿيا عدالت پنهنجي حڪم ۾ قرار ڏنو ته سڌيءَ طرح ملازمت تي بحال ڪرڻ واري درخواست تي غور ڪرڻ سان ٽڪراري حقيقتن ۽ الزامن جو ٻيهر جائزو وٺڻو پوندو جيڪو مجاز قانوني فورم جي دائري جي جاءِ تي عدالت جو پنهنجو جائزو لاڳو ڪرڻ برابر هوندو، عدالت اهو پڻ واضح ڪيو ته درخواستگذار قانون موجب مجاز فورم آڏو اپيل، نمائندگي يا ٻيو مناسب قانوني رستو اختيار ڪري سگهي ٿو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کانپوءِ سيبس يونيورسٽي اڳوڻي ملازم کي ٻيهر ڊيوٽي تي اچڻ لاءِ ڏنل اجازت واپس وٺندي عدالتي حڪم تي عملدرآمد لاءِ باضابطه قدم کنيو آهي يونيورسٽي جي اها ڪارروائي عدالتي حڪمن جي پاسداري ۽ ڪم واري هنڌ هراسان ڪرڻ جي شڪايتن کي لاڳاپيل قانوني ۽ اداري جي طريقيڪار تحت حل ڪرڻ جي اهميت کي ظاهر ڪري ٿي هي اڳڀرائي سيبس يونيورسٽي پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي عملدرآمد جي حوالي سان هڪ اهم قدم آهي، جيڪو ڪم واري هنڌ هراسان ڪرڻ جي شڪايتن کي قانون موجب حل ڪرڻ لاءِ اداري ۽ قانوني نظام جي ڪردار کي پڻ اجاگر ڪري ٿو

جيڪب آباد ۾ ڪشمير تي ناجائز ڀارتي قبضي خلاف ريلي

ڊپٽي ڪمشنر شهزاد احمد ساهي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

پرامن طريقي سان آواز اٿاريندڙ هڪ لک کان وڌيڪ ڪشميرين کي ڀارتي فوج قتل ڪيو آهي: ڊي سي

جيڪب آباد (ڊ ر) ڪشمير تي ناجائز ڀارتي قبضي خلاف 27 آڪٽوبر جي ڏهاڙي کي جيڪب آباد ۾ ضلعي انتظاميا پاران ڪارو ڏينهن ڪري ملهايو ويو جيڪب آباد ۾ ضلعي انتظاميا پاران 27 آڪٽوبر جي موقعي تي ڊي سي آفيس کان ڊپٽي ڪمشنر شهزاد احمد ساهي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ مختلف کاتن جا سرڪاري ملازم وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا ڊي سي آفيس کان نڪتل ريلي ڊي سي چوڪ تي ڊي سي چوڪ تي پهچي جتي ڊپٽي ڪمشنر شهزاد احمد ساهي اسسٽنٽ ڪمشنر نويد احمد ساه ڊي ايس پي سٽي سرفراز احمد منگي انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي، ابوبڪر سڏايو ايم ايس ڊاڪٽر رامچند، سوئي گئس جي رفيق احمد ويسر آل روينيو سنڌ ايمپلائيز ايسوسيئيشن جي ضلعي صدر فرحان علي لاشاري ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته 27 آڪٽوبر 1947ع ۾ ڀارت ڪشمير تي ناجائز قبضو ڪيو جيڪو هن وقت تائين برقرار آهي هنن چيو ته ڪشمير جي آزادي لاءِ پرامن طريقي سان آواز اٿاريندڙ هڪ لک کان وڌيڪ ڪشميرين کي ڀارتي فوج قتل ڪيو آهي جنهن ۾ عورتن سميت معصوم ٻارڙا به شامل آهن هنن اقوام متحده کان گهر ڪندي چيو آهي ته ڪشمير ۾ ڀارتي فوج جي ظلم ۽ ناجائز قبضي جو نوٽيس وٺي ڪشمير کي آزاد ڪرايو وڃي



جيڪب آباد 27 آڪٽوبر ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي طور ضلعي انتظاميا ريلي ڪڍي پئي وڃي

روهڙي ڪينال ۾ ٽي ڏينهن اڳ ٻڏي ويل ڍولڪ نواز عامر ديوان جو لاش هٿ

خيرپور(ڊ ر) مشهور فنڪار ساگر شاهه جي ٽيم جا 6 ڄڻا هڪ شادي جي تقريب ۾ موسيقي پيش ڪرڻ کانپوءِ ڪار ۾ خيرپور واپس اچي رهيا هئا ته لقمان پرسان ڳاڏي جي ٽاءِ راڊ ٽٽڻ سبب ڪار روهڙي ڪينال ۾ ڪري پئي حادثي جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار پنجن فنڪارن کي ريسڪيو اهلڪارن زندهه ڪڍي ورتو جڏهن ته فنڪار عامر ديوان ڪينال ۾ ٻڏي ويو هوواقعي کانپوءِ ريسڪيو 1122 جي ٽيمن عامر ديوان جي ڳولا لاءِ سرچ آپريشن شروع ڪيو جيڪو ٽن ڏينهن تائين جاري رهيو ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ پڻ ريسڪيو ٽيم کي هدايت ڪئي هئي ته عامر ديوان جو لاش هٿ اچڻ تائين ڳولا جو عمل جاري رکيو وڃي آخرڪار ريسڪيو اهلڪارن مسلسل ڪوشش کانپوءِ عامر ديوان جو لاش روهڙي ڪينال مان ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو جتي ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو واقعي کانپوءِ فوتي فنڪار جي گهرڀاتين ۽ ساٿين ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانيل آهي

ميهڙ ۾ ديهه منجهڻ جي آبادگارن جا زميني کاتا تبديل ڪرڻ خلاف احتجاج

علائقي جو هڪ بااثر رشوت ڏئي سٽيمن فارم تي داخلائون رڪرائي رهيو آهي: مظاهرين

کاتا بحال ڪري بااثر جون رڪيل ڪوڙيون داخلائون رد ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

ميهڙ(ن ع) ديهه منجهڻ جي آبادگارن جا زميني کاتا تبديل ڪرڻ خلاف زميندارن هارين آبادگارن سيٺ امجد علي ٿيٻو علي بخش ڪوسو عبدالقادر بروهي ممتاز ڪوسو سجاد ٿيٻو طارق مهيسر جي اڳواڻي ۾ سوين ڳوٺاڻن باءِ پاس ميهڙ کان ٽي ڪلوميٽر پيادل احتجاجي مظاهرو ڪڍيو مظاهرين ڊي سي دادو اي سي ميهڙ مختيارڪار ميهڙ خلاف سخت نعريبازي ڪندا ٽاور چوڪ کان ٿيندا پريس ڪلب ميهڙ پهتا جتي هنن خطاب ڪندي چيو ته علائقي جو هڪ بااثر رشوت ڏئي ڊي سي دادو اي سي ميهڙ مختيارڪار ميهڙ کان ڪوڙا کاتا لهرائي سٽيمن فارم تي داخلائون رڪرائي اسان سان ظلم ڪيو آهي هنن وزير اعلي سنڌ سيڪريٽري رونيو کان مطالبو ڪيو اسان جا کاتا بحال ڪري بااثر جون رڪيل ڪوڙيون داخلائون رد ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻئي صورت ۾ اسين پنهنجا ٻچا ٻار عورتون وٺي انڊس هاءِ وي روڊ بلاڪ ڪنداسين


ميهڙ ديهه منجهڻ جي آبادگارن جا زميني کاتا تبديل ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي او زي ٽي فنڊ ۾ واڌ نه ٿيڻ سبب مالي مشڪلاتون آهن: مير ذوالفقار علي خان ٽالپر

ڏگهڙي(ن ع)ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي او زي ٽي فنڊ ۾ واڌ نه ٿيڻ سبب مالي ڏکيائين جو شڪارٽائون ڪميٽي ڏگهڙي کي او زي ٽي فنڊ ۾ واڌ نه ٿيڻ سبب هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جي تڪميل، ملازمن جي پگهارن ۽ شهرين کي بنيادي بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ مالي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي جي چيئرمين مير ذوالفقار علي خان ٽالپر پنهنجي آفيس ۾ ڏگهڙي پريس ڪلب جي ميمبرن سان ڳالهائيندي چيو ته حڪومت سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۽ ٻين مراعتن ۾ واڌ ڪري ٿي پر ٽائون ڪميٽي جي او زي ٽي فنڊ ۾ ساڳئي حساب سان واڌ نه ٿيڻ ڪري اداري کي مالي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿوهن چيو ته فندن جي ڪوٽ سبب اسٽريٽ لائيٽس، واٽر سپلاءِ صفائي سٿرائي ۽ ٻين بنيادي بلدياتي سهولتن جي فراهمي پڻ متاثر ٿئي ٿي ان ڪانسواءِ شهر ۾ هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جي وقت سر تڪميل ۽ حاضر سروس ملازمن توڙي پينشنرن کي وقت سر ادائيگيون ڪرڻ پڻ هڪ چئلينج بڻجي رهيو آهي.ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين صوبائي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته OZTفنڊ ۾ مناسب واڌ ڪئي وڃي، جيئن اداري جا مالي مسئلا حل ٿي سگهن، ملازمن جي پگهارن ۽ پينشنرن کي وقت سر ادائيگيون ڪري سگهجن ۽ شهر ۾ هلندڙ ترقياتي ڪم بنا ڪنهن رنڊڪ جي مڪمل ڪرڻ سان گڏ شهرين کي بنيادي بلدياتي سهولتون بهتر نموني فراهم ڪري سگهجن

ميهڙ ۾ ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جي اظهار لاءِ ريلي

اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ غلام فاطمه گهلو جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي نڪتي

ڪشمير مسئلي ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو آهي: اي سي

ميهڙ(ن ع) ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جي اظهار لاءِ ميهڙ ۾ سرڪاري سطح تي ڪارو ڏينهن ملهايو ويو ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ غلام فاطمه گهلو جي اڳواڻيءَ ۾ ڊگري ڪاليج ميهڙ کان انڊس هاءِ وي تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن بانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو ريلي ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار بشير احمد ڏهر اسسٽنٽ مختيارڪار آصف علي ٿيٻو تعلقي اسپتال ميهڙ جي ايم ايس ڊاڪٽر هيمر گووندا پوجواڻي ڊي ايس پي ميهڙ وحيد بيگ لاڪڙ ڊي ايس پي موٽروي، ڊگري ڪاليج جي استادن مختلف سرڪاري کاتن جي عملدارن ۽ اسڪولي ٻارڙن شرڪت ڪئي ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪندي سندن حقن جي حمايت جو پيغام ڏنو ۽ ڪشمير مسئلي ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو.



ميهڙ ۾ ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

خيرپور پوليس پاران منشيات فروشن ۽ ڌوهارين خلاف ڪارروايون

پوليس پاران ڪارروايون ڪندي 8 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس پاران منشيات فروشن اشتهارين ۽ روپوش جوابدارن خلاف ڪارروايون ڪندي 8 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي قبضي مان منشيات، تاش جا پنا ۽ هٿيار هٿ ڪري سندن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي موجب اهي ڪارروايون ٺري ميرواهه ڪنب، شهيد مرتضيٰ ميرائي ۽ رانيپور ٿاڻن جي حدن ۾ ڪيون ويون.پوليس موجب گرفتار جوابدارن ۾ ذوالفقار اسلامي، اسلامي عرض محمد ٻانيڻ وقاص اسلامي، سليم لاشاري، رجب خاصخيلي، زاهد گوپانگ، نجف شاهه ۽ اشفاق آرائين شامل آهن

خيرپور ۾ هوائي فائرنگ جي نتيجي ۾ معصوم ٻار جي فوت ٿيڻ وارو معاملو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس ڪنڊو مستي ٿاڻي جي حد ۾ شاديءَ جي تقريب دوران هوائي فائرنگ جي نتيجي ۾ معصوم ٻار جي فوت ٿيڻ واري واقعي ۾ جوابدار شاهنواز اڄڻ کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي جوابدار خلاف سرڪاري فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي حڪمن تي ايس ايڇ او ڪنڊو مستي سنڌس پوليس ٽيم ڳوٺ لعل ڏنو اڄڻ ۾ ڪارروائي ڪندي شاديءَ دوران فائرنگ ڪندڙ مبينا جوابدار شاهنواز اڄڻ کي گرفتار ڪيوپوليس موجب جوابدار خلاف ڪنڊو مستي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.ياد رهي ته هڪ ڏينهن اڳ ڪنڊو مستي ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ لعل ڏنو اڄڻ ۾ شاديءَ جي تقريب دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ عبدالحفيظ فوت ٿي ويو هو جڏهن ته نسيم علي زخمي ٿي پيو هو.واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي خيرپور پوليس کي جوابدار جي گرفتاري ۽ قانوني ڪارروائي جون هدايتون ڏنيون هيون. جوابدار جي گرفتاري بعد ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي پوليس ٽيم جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي اهلڪارن کي شاباس ڏني آهي

گورنمينٽ بوائز سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ سامان تقسيم

ڪراچي جي مخير نيڪ مرد ۽ سماجي شخصيت پاران موڪليل يونيفارم بوٽ ورهايا ويا

سماجي شخصيت خدا ترس انسان ۽ شهدادڪوٽ جائو الطاف شيخ جا ٿورائتا آهيون: خدا دوست

شهدادڪوٽ(ڊ ر) گورنمينٽ بوائز سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ جي غريب شاگردن لاءِ ڪراچي ۾ رهندڙ هڪ مخير نيڪ مرد ۽ سماجي شخصيت پاران موڪليل يونيفارم بوٽ ورهايا ويا ان ڏس ۾ سنگل سيڪشن بوائز هاءِ اسڪول جي هيڊ ماسٽر افتخار حسين ڪوسو ۽ ايس ايم سي جي چيئرمين خدا دوست بروهي هڪ تقريب دوران غريب شاگردن ۾ اهي يونيفارم ۽ بوٽ ورهايا ويا ان موقعي تي ڳالهائيندي اسڪول جي هيڊ ماسٽر افتخار ڪوسو ۽ چيئرمين ايس ايم سي خدا دوست بروهي چيو ته سماجي شخصيت خدا ترس انسان ۽ شهدادڪوٽ جائو الطاف شيخ جا ٿورائتا آهيون جنهن غريب ۽ مستحق شاگردن لاءِ يونيفارم موڪليا آهن جيڪي شاگردن ۾ ورهايا ويا آهن


شهدادڪوٽ گورنمينٽ سنگل سيڪشن بوائز هاءِ اسڪول ۾ غريب شاگردن ۾ مفت يونيفارم ورهايا پيا وڃن

ڪورنگي سائٽ جي علائقي خدا جي بستي نمبر هڪ جي رهواسڻ جو احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)ڪورنگي سائٽ جي علائقي خدا جي بستي نمبر هڪ جي رهواسڻ ارشاد زال مختيار ٻبر ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پنهنجي ٻارن سان گڏ مڙس جي مائٽن پاران ملڪيت تي قبضي ۽ موتمار ڌمڪين خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته آءُ مختيار ٻبر جي ٻٽي گهر واري آهيان منهنجي مڙس پنهنجي پهرين زال کي طلاق بعد مون سان شادي ڪئي جنهن مان مونکي 6ٻارن جي اولاد آهي جڏهن پهرين زال مان 2ٻارن جي اولاد آهي جيڪا به 3مهينا اڳ تائين اسان گڏ رهندي هئي هن چيو ته 3مهينا اڳ منهنجي مڙس جي پهرين اولاد کي سندن ماما پاڻ سان وٺي ويا ۽ هاڻ اسان کان هڪ گهر ۽ ڇٽين دڪانن مان زبردستي حصو يا 50لک رپيا گهري رهيا آهن هن چيو ته جنهن علائقي ۾ سندن گهر ۽ دڪان آهن انهن جي ايتري ماليت ناهي هن چيو ته منهنجو مڙس ڪول گيٽ ڪمپني ۾ ملازمت ڪندو آهي جيڪو پڻ بيمار رهي ٿو هن الزام هنيو ته مڙس جا مائٽ منظور ٻبر ۽ امتياز ٻبر نامعلوم ماڻهن کي ساڻ ڪري گهر تي اچي اغوا ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي ويا آهن جن ڪارڻ اسان کي جاني ۽ مالي خطرو آهي هن ايس ايس پي ڄامشورو کي اپيل ڪئي ته جاڻايل ماسري جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

ميهڙ جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ احتجاجي ريلي

شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 45 ڏينهن به ريلي ڪڍي وئي

چونڊيل نمائنده شهر جي بنيادي مسئلن طرف ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهن: اڳواڻ

ميهڙ(ن ع) ميهڙ جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي سياسي سماجي واپاري اڳواڻن سول سوسائٽي جي نمائندن دڪاندارن ڪائونسلرن ۽ شهرين پاران نياز علي ٻرڙو محمد ايوب ڪوسو وڪيل مير ڪوسو حافظ منظور چانڊيو محمد اسماعيل بروهي محبوب ڪوسو سائين فتاح شاهه زبير علي سمون اشتياق ٿٽيو حسن پنهور نبيل پنهور ميڊم عباس جويو حفيظ ڀٽي جاويد منگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 45 ڏينهن به ٻيلو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي مظاهرين چيو ته ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن ميهڙ شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن روڊ رستا تباهه آهن شهر ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهن شهري انتهائي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته اسپتال ۾ ماڻهن کي دوائون نه ٿيون ملن ميهڙ ۾ بدامني وڌي وئي آهي امن امان جي صورتحال به انتهائي خراب ٿي وئي آهي شهري غير محفوظ بڻيل آهن سرڪاري اسڪولن کي خانگي ادارن حوالي ڪري آيل بجيٽ هڙپ ڪئي وڃي پئي مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج کي بند ڪري ڙيبٽيڪ حوالي ڪري شهرين سان بيواجبي ڪئي وئي آهي هنن چيو ته ميهڙ مسئلن جو ڳوڙهه بڻجي ويو آهي چونڊيل نمائندا، تعلقي ۽ ضلع انتظاميا ملي پڳت ڪري ماهوار ڪروڙين رپين جي بجيٽ هڙپ ڪرڻ ۾ پورا آهن شهري 45 ڏينهن کان سراپا احتجاج بڻيل آهن پر ڪنهن جي به ڪن تي جوءِ نه ٿي چري، هنن مطالبو ڪيو ته شهرين جا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن بنيادي مسئلن جي حل تائين روڙ جي بنياد تي احتجاج جو سلسلو جاري رهندو



ميهڙميهڙ جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ احتجاجي ريلي

گهوٽڪي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ۾ ٻهرين ٽرمينل امتحانن جو شفاف انعقاد

ٽرمينل امتحانن ۾ ايم سي ڪيوز تي مشتمل پيپر جديد او ايم آر شيٽن ذريعي ورتا ويا

امتحانن ۾ شفافيت ۽ تعليمي معيار برقرار رکڻ واري عزم جو پڻ ورجاءُ ڪيو

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ۾ ٻهرين ٽرمينل امتحانن جو شفاف انعقاد، ايم سي ڪيوز تي مشتمل پيپر جديد او ايم آر شيٽن ذريعي ورتا ويا خبر موجب گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ پرنسپل پروفيسر سڪندر علي مهيسر جي نگرانيءَ هيٺ ٻهرين ٽرمينل امتحانن جي سلسلي ۾ ٻارهين ٻارهين ڪلاس جي سمورن مضمونن جا ايم سي ڪيوز تي مشتمل پيپر جديد او ايم آر شيٽن ذريعي ورتا ويا. امتحان پرامن، منظم ۽ شفاف ماحول ۾ منعقد ڪيا ويا، جن ۾ شاگردن ڀرپور تياري ۽ نظم و ضبط سان حصو ورتو. پرنسپل پروفيسر سڪندر علي مهيسر پروفيسر محمد يونس عباسي سان گڏ امتحاني بلاڪ جو دورو ڪيو ۽ امتحاني عمل جو جائزو وٺندي انتظامن نظم و ضبط ۽ شفافيت تي اطمينان جو اظهار ڪيو.جديد طريقي سان امتحان وٺڻ کي تعليمي معيار ۾ بهتري ۽ امتحاني نظام کي جديد بنيادن تي استوار ڪرڻ طرف اهم اڳڀرائي قرار ڏنو ويو ان موقعي تي پرنسپل پروفيسر سڪندر علي مهيسر تدريسي عملي امتحاني نگرانن ۽ سهڪاري ٽيم جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيندي شاگردن جي وقت جي پابندي ۽ نظم و ضبط تي اطمينان جو اظهار ڪيو هن امتحانن ۾ شفافيت ۽ تعليمي معيار برقرار رکڻ واري عزم جو پڻ ورجاءُ ڪيو امتحانن جا انتظامي معاملا پروفيسر محمد يونس عباسي ۽ پروفيسر عبدالحفيظ دايو جي نگرانيءَ هيٺ انجام ڏنا ويا، جڏهن ته امتحاني ڪميٽيءَ ۾ پروفيسر نويد اقبال آرائين پروفيسر الطاف احمد ملڪ، پروفيسر حاڪم علي دايو پروفيسر عبدالسليم چاچڙ ۽ پروفيسر پيم سين نيل شامل هئا. ڪاليج انتظاميا شاگردن جي روشن مستقبل لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي معياري تعليم ۽ شفاف امتحاني نظام جي واڌاري لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو


گهوٽڪي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ۾ پرنسپل سڪندر علي مهيسر پروفيسر محمد يونس عباسي سان گڏ امتحاني بلاڪ جو دورو ڪندي

سڄاول جي رهواسي پيرسن جو پائرن خلاف حيدرآباد ۾ احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)سڄاول جي رهواسي پيرسن حزب الله عرف چنچر ميمڻ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون بااثر مولوي پائرن پاران زمين تي زمين تي قبضي خلاف احتجاج ڪيو هن الزام هڻندي چيو ته سندس 5ايڪڙ زرعي زمين واقع ديهه ۽ ٽيو ولهار ۾ آهي جنهن تي مولوي پائرن مولانا محمد اسماعيل ۽ مولانا عبدالشڪور ناجائز قبضو ڪري ورتو آهي هن چيو ته جاڻايل زمين جا اصل ڪاغذ مون وٽ آهن

مهراڻ يونيورسٽي ۾ 27هين آڪٽوبر يوم سياهه ملهايو ويو

اڄوڪي ڏينهن کي هر سال ڪارو ڏينهن ڪري ملهائيندا آهيون: ڊاڪٽر شعيب شيخ

ڀارتي فوجين ناجائز طريقي سان ڪشمير تي قبضو ڪيو جيڪو اڄ تائين قائم آهي

ڄامشورو (پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالوجي ڄامشورو پاران 27هين آڪٽوبر 2026 کي ڪشمير جي سياهه ڏهاڙي طور ملهايو ويو مهراڻ يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۽ شاگرديائين کي ڊاڪٽر شعيب شيخ ۽ انجنيئر فيض ابڙي ٻڌايو ته اڄوڪي ڏينهن کي هر سال پاڪستان جا شهري سياهه ڏينهن ڪري ملهائيندا آهن ۽ ڀارتي قبضي هيٺ آيل مقبوضه ڪشمير جا رهواسي به سياهه ڏينهن طور ملهائيندا آهن هنن چيو ته 1947ع واري ساڳي اڄوڪي ڏينهن (27 هين آڪٽوبر) ڀارتي فوجين ناجائز طريقي سان ڪشمير تي قبضو ڪيو جيڪو اڄ تائين قائم آهي هنن چيو ته پاڪستاني عوام ڪشميرين سان هميشه گڏ آهي. ان موقعي تي شگردن ۽ شاگرديائين پڻ پنهنجي تقريرن ۾ ڪشميرين سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

روزاني عبرت

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀاڳيا پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 28 آڪٽوبر 2026ع

سائبر ڏوهن ۾ واڌ، شهرين جا اربين رپيا ڦرجي ويا

ملڪ ۾ سائبر ڏوهن جي وڌندڙ صورتحال عوام لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻجي وئي آهي. جديد ٽيڪنالاجي ۽ انٽرنيٽ جتي ماڻهن جي زندگيءَ کي سهولتون فراهم ڪيون آهن، اتي ڏوهاري ذهنيت رکندڙ ماڻهن انهن ئي وسيلن کي شهرين جي محنت جي ڪمائي ڦرڻ جو ذريعو بڻائي ڇڏيو آهي. موبائل فون، انٽرنيٽ بئنڪنگ، سماجي رابطن جي وسيلن ۽ آن لائين ڏيتي ليتيءَ ذريعي ماڻهن سان ٺڳي ڪرڻ جا واقعا وڌي رهيا آهن. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته سائبر ڏوهن جي شڪار ماڻهن جو انگ هزارن ۾ آهي، پر انهن ڏوهن جا ڪيس داخل ٿيڻ ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائي ٿيڻ جو انگ ان جي ڀيٽ ۾ انتهائي گهٽ آهي. اهڙي صورتحال ۾ سوال پيدا ٿئي ٿو ته آخر عام ماڻهو پنهنجي محنت جي ڪمائيءَ جي حفاظت لاءِ ڪنهن ڏانهن واجهائي؟ اسلام آباد مان جاري ٿيل انگن اکرن موجب، گذريل ٽن سالن دوران سائبر ڏوهارين پاڪستاني شهرين کان 8 ارب 32 ڪروڙ رپيا ڦري ورتا، جڏهن ته قومي سائبر ڏوهن جي جاچ واري اداري اين سي سي آءِ اي ان عرصي ۾ رڳو 3 هزار 82 جوابدار گرفتار ڪيا. دستاويزن موجب 2024ع ۾ 83 هزار ماڻهو سائبر ٺڳيءَ جو شڪار ٿيا، 2025ع ۾ متاثر ماڻهن جو انگ 76 هزار 646 ۽ 2026ع ۾ 68 هزار 31 ٻڌايو ويو. ساڳئي عرصي ۾ شڪايتن جي ڀيٽ ۾ داخل ٿيندڙ ڪيسن جو انگ انتهائي گهٽ رهيو. 2024ع ۾ 83 هزار شڪايتن مان رڳو 863 ڪيس داخل ٿيا، 2025ع ۾ 76 هزار شڪايتن تي 999 ڪيس داخل ڪيا ويا، جڏهن ته 2026ع ۾ 68 هزار شڪايتن باوجود رڳو 391 ڪيس داخل ٿيا. اهي انگ اکر سائبر ڏوهن جي روڪٿام ۽ شڪايتن تي ڪارروائيءَ واري نظام ۾ موجود ڪمزورين بابت سنجيده سوال اٿارين ٿا. هتي اهو به سمجهڻ ضروري آهي ته شڪايتون، متاثر ماڻهو، داخل ڪيل ڪيسن ۽ گرفتار جوابدارن جا انگ الڳ الڳ حيثيت رکن ٿا، تنهن ڪري انهن کي هڪجهڙو سمجهي نتيجو ڪڍڻ درست نه ٿيندو. تنهن هوندي به شڪايتن جي وڏي انگ ۽ داخل ٿيل ڪيسن جي گهٽ تعداد جو سبب معلوم ڪرڻ ضروري آهي. ڇا شڪايتن جي جاچ لاءِ گهربل عملي جي کوٽ آهي؟ ڇا جديد ٽيڪنالاجيءَ جي اڻهوند سبب جوابدارن تائين پهچڻ ڏکيو آهي؟ يا متاثر ماڻهن کي قانوني ڪارروائيءَ جي عمل ۾ اهڙيون ڏکيائيون پيش اچن ٿيون جو سندن شڪايتن تي اڳتي قدم نٿو کنيو وڃي؟ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کي انهن سوالن جا جواب ڏيڻ گهرجن.

سائبر ڏوهن جو هڪ خطرناڪ پاسو اهو به آهي ته انهن جو شڪار رڳو پڙهيل لکيل يا ٽيڪنالاجيءَ کان واقف ماڻهو نٿا ٿين، پر عام شهري، پينشن حاصل ڪندڙ بزرگ، عورتون، نوجوان ۽ ننڍا واپاري به انهن ڏوهارين جي ور چڙهي وڃن ٿا. ڪڏهن بئنڪ جو نمائندو بڻجي فون ڪيو وڃي ٿو، ڪڏهن انعام ملڻ جو ڪوڙو آسرو ڏنو وڃي ٿو ته ڪڏهن نوڪري، سيڙپڪاري يا آن لائين واپار جي نالي تي ماڻهن کان رقم ورتي وڃي ٿي. ڪيترن ئي واقعن ۾ ماڻهن کان ڳجها انگ، بئنڪ ڪاتن جي ڄاڻ يا موبائل فون تي ايندڙ تصديقي انگ حاصل ڪري سندن اڪائونٽن مان رقم ڪڍي وڃي ٿي. ڪجهه ڏوهاري ڪوڙا سماجي رابطن وارا کاتا ٺاهي پنهنجن واقفڪارن جي نالي تي به ماڻهن کان پئسا گهرن ٿا. اهڙن ڏوهن جي روڪٿام لاءِ رڳو عوام کي احتياط ڪرڻ جي هدايت ڏيڻ ڪافي ناهي. رياست جي ذميواري آهي ته ماڻهن جي رقم ۽ ذاتي ڄاڻ جي حفاظت لاءِ مضبوط نظام قائم ڪري. سائبر ڏوهن جي جاچ ڪندڙ ادارن کي جديد اوزار، تربيت يافته عملو ۽ ضروري وسيلا فراهم ڪرڻ گهرجن. هر شڪايت جي باقاعدي جاچ ٿيڻ گهرجي ۽ شڪايت ڪندڙ کي ٻڌايو وڃي ته سندس معاملي ۾ ڪهڙي اڳڀرائي ٿي آهي. جيڪڏهن شڪايت داخل ڪرڻ جو طريقو ڏکيو هوندو يا متاثر ماڻهوءَ کي بار بار آفيسن جا چڪر ڪاٽڻا پوندا ته ڪيترائي ماڻهو قانوني ڪارروائيءَ کان پاسو ڪندا. ان ڪري شڪايت داخل ڪرڻ جو عمل سولو، تيز ۽ شفاف بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ان سان گڏوگڏ بئنڪن، موبائل فون ڪمپنين ۽ مالي ڏيتي ليتيءَ جون سهولتون ڏيندڙ ادارن کي به پنهنجي ذميوارين جو احساس ڪرڻ گهرجي. مشڪوڪ ڏيتي ليتيءَ جي سڃاڻپ، متاثر شخص جي شڪايت تي ترت قدم کڻڻ ۽ ڏوهارين جي استعمال هيٺ آيل ڪاتن جي جاچ لاءِ گڏيل نظام جوڙڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڪنهن شهريءَ سان ٺڳي ٿئي ته سندس شڪايت تي بنا دير ڪارروائي ٿيڻ گهرجي، جيئن ڦريل رقم کي اڳتي منتقل ٿيڻ کان روڪي سگهجي. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ مالي ادارن وچ ۾ سهڪار کان سواءِ سائبر ڏوهن جي روڪٿام ممڪن ناهي.

سماجي ڪم ۽ سياست لاءِ صاف رستو ڪهڙو؟


رياض احمد سومرو

اڄ فيس بڪ تي هڪ پوسٽ پڙهيم جيڪا هڪ نالي واري صحافي، اديب، دانشور سان لاڳاپيل هئي. ذهن ۾ خيال آيو ته هن فيس بڪ جي پوسٽ تي ويهي ڇا غور ڪجي جنهن لاءِ هاڻي هڪ مخصوص طبقي چوڻ شروع ڪيو آهي ته اهو فيس بڪ نه پر فيڪ بڪ آهي پر جيئن ته ان پوسٽ ۾ ذڪر ڪيل جنهن تنظيم ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو آهي ان جو مان خود حصو هيس ۽ گواهه آهيان، تنهن ڪري سوچيم ته فيڪ بڪ تي راءِ ڏيڻ جي بدران اخبار ۾ ڪالم لکڻ گهرجي ته ئين منهنجي ذهن ۾ سوال جاڳيا. تقطي کان به وڌا اهڙا، دنيا جي سياسي پارٽين جا خرچ ڪٿان پورا ٿين ٿا؟ جنهن وٽ وڏو سرمايو آهي ته هو سياسي اثر به خريد ڪري سگهي ٿو، جاگيردار، صنعتڪار، وڏا واپاري ۽ ٻيا سرمائيدار پارٽين کي چندو ڏين ٿا، وچولي طبقي جا ماڻهو، ملازم ۽ ننڍا ڪاروباري به پنهنجي وس آهر حصو وجهن ٿا. پر چندي تي پارٽي هلائڻ ممڪن آهي؟ پئسي کان سواءِ ڪو ماڻهو پاڻ کي اجتماعي طور ڪيئن منجهائي؟ ماڻهو اڃا اعتبار نه ڪمائي سگهيو هجي ته مالي مدد ڪير ۽ ڇو ڪندو؟ سياسي پارٽيون ۽ سماجي تنظيمون هلائڻ لاءِ پئسو ڪٿان ايندو ۽ مالي مدد وٺندي به پنهنجو دامن ڪيئن صاف رکجي؟ جيڪڏهن ڪو فرد ڪنهن به حڪمت عمليءَ تحت ڪا اڻانگي راند کيڏڻ لاءِ ميدان ۾ لهي ٿو ته ان کي پنهنجين حڪمت عملين کي لڪائڻ يعني صحافتي زبان ۾ چوندا آهن اينگلنگ ڪندي ئي اعتراف ڪرڻ گهرجي ته مان به انسان آهيان، اوهان مون کي فرشتو نه سمجهو ارهه زوراڻي يا ڪن لاٽار وڌيڪ سوال اثارينڊي آهي اڄ جي نوجوانن لاءِ ڪو سماجي ڪم يا سياسي سرگرمي جو رستو شايد ڪنهن وڏي پارٽي يا وڏي فنڊ کان شروع نه ٿئي. ڪنهن هڪ مقامي مسئلي کي چونڊيو، متاثر ماڻهن جون ڳالهيون ۽ دستاويز گڏ ڪريو، حقيقتن جي تصديق ڪريو ۽ اختيارين کان جواب گهرو. ساٿي گڏ ڪريو، ڪم جو مقصد ۽ خرچ پڌرا رکو. چندو ڪيترن ماڻهن کان گڏ ڪريو ۽ هر مدد ڏيندڙ کي پاليسي خريد ڪرڻ جو حق نه ڏيو، پنهنجي تنظيم ۾ تنقيد ۽ شڪايت لاءِ جاءِ رکو. غلط رپورٽ يا ڪمزوري سامهون اچي ته ان کي لڪايو نه.

پئسو سياسي ڪم لاءِ اهم آهي پر ماڻهن جو اعتماد ان کان وڌيڪ اهم سرمايو آهي. اعتماد جلسن جي خرچ سان نه پر سالن جي مستقل ڪم سان ٺهندو آهي. اعتماد تڏهن ٺهي ٿو جڏهن ماڻهو ڏسن ته توهان جي ڳالهه ثبوت تي بيٺل آهي، توهان جي حساب ڪتاب ۾ پردو ناهي ۽ توهان جي جدوجهد جو مرڪز اهي ماڻهو آهن جن جي نالي تي ڪم ڪيو پيو وڃي. سياسي پارٽي هجي يا اين جي او، اصل امتحان اهو آهي ته فنڊ وٺندي به فيصلو ڪنهن جي هٿ ۾ رهي ٿو، عوام جي يا ان شخص ۽ اداري جي جيڪو پئسو ڏئي ٿو؟

بين الاقوامي سياست ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي وڌندڙ اثر واري هن دور ۾ نوجوان لاءِ شروعات جو رستو شايد هڪ ننڍڙي، پر صاف ڪم کان شروع ٿئي. پنهنجي علائقي جو ڪو اهم مسئلو چونڊيو، ان بابت ڄاڻ ۽ ماڻهن جا تجربا گڏ ڪريو، سادي ۽ سمجهه ۾ ايندڙ ٻولي ۾ لکي ۽ لاڳاپيل ادارن کان جواب گهرو. ساڳئي وقت پاڙي، ڳوٺ يا شهر ۾ ماڻهن سان گڏجي عملي ڪم ڪريو. سوشل ميڊيا آواز پري پهچائي سگهي ٿي پر ميدان ۾ موجودگيءَ جي جاءِ نٿي وٺي سگهي. مالي مدد گهرجي ته ننڍي ۽ ڪليل چندي سان ڪم شروع ڪري سگهجي ٿو، هر مدد جو رڪارڊ رکڻ، آمدني ۽ خرچ پڌرا ڪرڻ، ڪنهن هڪ امير مددگار تي ڀاڙڻ کان پاسو ڪرڻ ۽ چندو ڏيندڙن کان پاليسيءَ جي آزادي برقرار رکڻ سان اعتبار وڌي ٿو. ماڻهو تڏهن مدد ڪن ٿا جڏهن کين ڪم جو مقصد، خرچ جو حساب ۽ نتيجو نظر اچي. نوجوان کي پنهنجو دامن صاف رکڻ لاءِ رڳو سٺي نيت ڪافي نه آهي، صاف طريقا به گهرجن. مدد جو ذريعو ظاهر ڪرڻ، غلط خبر نه پکيڙڻ، مخالف سان به ساڳيو معيار رکڻ، پنهنجين غلطين کي مڃڻ ۽ ماڻهن جي مسئلن کي رڳو پنهنجي شهرت لاءِ استعمال نه ڪرڻ— اهي سڀ سياسي ڪم جو حصو آهن. شايد نوجوان لاءِ پهريون قدم نئين پارٽي ٺاهڻ نه پر قابل اعتماد ساٿي ۽ ننڍڙي، جوابده تنظيم ٺاهڻ هجي. پئسو رستو آسان ڪري سگهي ٿو پر اعتماد ڪمائي نٿو سگهي. اهو ماڻهن سان گڏجي سچ جوڙ ۽ پنهنجي عمل جو حساب ڏيڻ سان حاصل ٿئي ٿو. تنهنڪري چندي تي پارٽي هلڻ ناممڪن ناهي. شرط اهو آهي ته چندو گهڻن ماڻهن کان اچي، حساب پڌرو هجي ۽ ڪنهن هڪ وڏي ڏيندڙ کي پارٽيءَ جي پاليسيءَ تي قبضو نه ملي. عوامي فنڊنگ به هڪ رستو آهي پر اها اهڙي قاعدي سان هجي جو مختلف سياسي ڌرين کي برابر موقعو ملي. ننڍو چندو ملي پئسي جي طاقت کي ورهائي سگهي ٿو پر ان لاءِ پارٽيءَ کي پنهنجي ميمبرن سان حقيقي لاڳاپو رکڻو پوندو.

ساڳيو سوال سماجي تنظيمن خاص ڪري اين جي اوز بابت به آهي. اهي گهڻو ڪري ڪنهن مسئلي لاءِ منصوبو ٺاهين ٿيون، ڊونر کان فنڊ وٺن ٿيون، خرچ ۽ نتيجا رپورٽ ڪن ٿيون. ڊونر کي اهو ڄاڻڻ جو حق آهي ته سندس ڏنل رقم ڪٿي خرچ ٿي. رپورٽنگ پاڻ ۾ غلط ڪم ناهي. مسئلو تڏهن آهي جڏهن ڪاغذي سرگرميون ۽ انگ اکر اصل سماجي تبديليءَ کان وڌيڪ اهم ٿي وڃن يا جڏهن رپورٽ حقيقت بدران فنڊ جاري رکڻ لاءِ تيار ڪرائي وڃي. هتي هڪ فرق صاف رکڻ گهرجي. سڀ ڊونر ادارا ملٽي نيشنل ڪمپنيون ناهن ۽ نه ئي هر اين جي او ڪنهن ڪارپوريٽ مفاد جي نمائندگي ڪري ٿي. فنڊ جا ذريعا مختلف هوندا آهن. حڪومتي امدادي ادارا، اقوام متحده جهڙا گهڻ ملڪي ادارا، خانگي خيراتي فائونڊيشنون ۽ ڪاروباري ڪمپنيون. پر هر حالت ۾ پڇڻ گهرجي، پئسو ڪنهن ڏنو؟ ان جا شرط ڪهڙا آهن؟ رپورٽ ڪير پڙهي ٿو؟ ۽ ڪم مان فائدو ڪنهن کي پهچي ٿو؟ ڪاروباري ادارن يا فائونڊيشنن جي مقصدن جو ڄاڻڻ مخصوص دستاويزن ۽ منصوبن جي بنياد تي ٿيڻ گهرجي نه رڳو ٽلي يا شڪ جي بنياد تي.

هتي اهو سوال به آهي ته ڇا ڪو ماڻهو بنا معاوضي جي پنهنجي خاندان جون ضرورتون پوريون رکي ڊگهي عرصي تائين سماجي يا سياسي ڪم ڪري سگهي ٿو؟ هر ماڻهوءَ جون گهرجون آهن. ڪم ڪندڙ کي مناسب پگهار ڏيڻ ڪرپشن ناهي پر پگهار ۽ منصوبي جو مقصد جڏهن عوامي ڪم کان مٿاهون ٿي وڃي، تڏهن جوابدهي ضروري آهي. ڊونر کي رپورٽون گهرڻ گهرجن، پر رپورٽ ۾ رڳو خرچ ۽ سرگرميون نه، حقيقي اثر ۽ مقامي ماڻهن جي راءِ به شامل هجي. تنظيم جي اندر ملازمن لاءِ بي ضابطگين جي شڪايت جو محفوظ رستو هجي ۽ آڊٽ ڪندڙ پنهنجي ڪم لاءِ جوابده هجن.

ايمرجنسي: اقتدار جي ناڪامي يا رياستي مجبوري؟


محمد خان ابڙو

پاڪستان جي سياسي تاريخ جو هڪ ڏکوئيندڙ پاسو اهو آهي ته هتي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ته وڏيون ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون، پر اقتدار ملڻ کان پوءِ عوام جو تحفظ ۽ رياست جون ذميواريون پوريون ڪرڻ وارو معاملو اڪثر سياسي ترجيحن جي ور چڙهي وڃي ٿو. خيبر پختونخوا ۾ لاڳو ڪيل ايمرجنسي به هڪ ڀيرو ٻيهر انهيءَ بحث کي قومي سياست جي مرڪز ۾ آڻي ڇڏيو آهي. هتي سوال رڳو اهو ناهي ته هڪ چونڊيل صوبائي حڪومت جي جاءِ تي گورنر راڄ ڇو لاڳو ڪيو ويو؟ پر اصل سوال اهو آهي ته حالتون ان حد تائين پهتيون ئي ڇو جو رياست کي آئين ۾ ڏنل غير معمولي اختيار استعمال ڪرڻا پيا؟

خيبر پختونخوا ڪو عام صوبو ناهي. هن سرزمين دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ پنهنجن جوانن جو رت، پنهنجن ٻارن جا خواب ۽ پنهنجي عوام جو سڪون قربان ڪيو آهي. هتي جا ماڻهو بارود جي بدبوءِ، جنازن جي ميڙن ۽ خوف جي پاڇي کان چڱيءَ طرح واقف آهن. اهڙين حالتن ۾ حڪومت جو عهدو رڳو سياسي اختيار ناهي، پر هڪ وڏي اخلاقي ذميواري پڻ آهي.

پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) کي خيبر پختونخوا جي عوام مسلسل حڪومت ڪرڻ جو موقعو ڏنو. 2013ع کان شروع ٿيل اهو سياسي سفر هڪ ڏهاڪي کان به اڳتي وڌي ويو پر ايتري ڊگهي عرصي تائين حڪومت ڪرڻ باوجود صوبي جي اندروني سلامتي، پوليس جي پيشاورانه صلاحيت، دهشتگرديءَ جي روڪٿام ۽ سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگيءَ بابت بنيادي سوال اڃا تائين موجود آهن. ڪنهن به حڪومت جي ڪارڪردگيءَ کي رڳو رستن، عمارتن يا مشهوري مهمن جي بنياد تي پرکي نٿو سگهجي. ان جو اصل ماپو اهو آهي ته عام ماڻهو پنهنجي گهر، روزگار ۽ ٻارن جي مستقبل بابت ڪيترو مطمئن آهي؟ وفاقي حڪومت دهشتگرديءَ ۾ واڌ، انتظامي ڪمزورين ۽ امن امان جي خراب ٿيندڙ صورتحال کي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو بنيادي سبب قرار ڏنو. انهن سببن جو غيرجانبدارانه جائزو وٺڻ ضروري آهي پر ان حقيقت کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ته صوبائي حڪومت ۽ وفاق وچ ۾ مسلسل سياسي ڇڪتاڻ، رياستي ادارن جي پاڻ ۾ سهڪار کي نقصان پهچايو. جڏهن حڪومتون هڪ ٻئي کي هيٺ مٿي ڏيکارڻ ۾ مصروف ٿين ٿيون ته ان ڇڪتاڻ جي قيمت هميشه عوام کي ادا ڪرڻي پوي ٿي.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سياست جو بنيادي سبق اهو آهي ته آئين رڳو اقتدار حاصل ڪرڻ جو ذريعو ناهي پر رياست ۽ عوام وچ ۾ هڪ مقدس عهد آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ کي گڏيل اتفاق سان منظور ٿيل آئين ڏنو، جڏهن ته صدر آصف علي زرداريءَ جي اڳواڻي صدارتي دور ۾ 18هين آئيني ترميم ذريعي صوبائي خودمختياريءَ کي نئين سگهه ملي. تنهن ڪري پيپلز پارٽيءَ جي جمهوري سوچ موجب ايمرجنسيءَ جي حمايت ڪرڻ جو مطلب هرگز اهو ناهي ته صوبائي خودمختياريءَ تان هٿ کنيو وڃي، بلڪ صوبن جي اختيارن جو احترام ۽ رياست جي سلامتي ٻئي هڪجهڙا اهم آهن.

11 آڪٽوبر 2026ع تي آئين جي آرٽيڪل 232 ۽ 234 تحت خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪيو ويو، جنهن جي 15 آڪٽوبر تي پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس منظوري ڏني. پر آئيني اختيار استعمال ڪرڻ سان گڏ سياسي ۽ اخلاقي جوابداري به پيدا ٿئي ٿي. هن فيصلي کي رڳو پارلياماني اڪثريت جي ڪاميابي سمجهڻ درست نه ٿيندو. ان فيصلي جو حقيقي جواز تڏهن ثابت ٿيندو، جڏهن امن امان بحال ٿيندو ۽ عوام کي عملي طور فائدو ملندو.

اهو به تسليم ڪرڻو پوندو ته دهشتگردي صرف صوبائي حڪومت جو مسئلو نه آهي. سرحدن جي حفاظت، پرڏيهي پاليسي، ڳجهي ڄاڻ گڏ ڪرڻ ۽ قومي سطح تي دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ کنيل قدمن ۾ وفاق جو بنيادي ڪردار آهي. تنهن ڪري خيبر پختونخوا جي سمورين ناڪامين جو ذميوار رڳو هڪ صوبائي سياسي جماعت کي قرار ڏيڻ به درست ناهي. وفاق کي هاڻي ثابت ڪرڻو پوندو ته اهو رڳو انتظامي تبديلي آڻڻ بدران اثرائتي حڪمت عملي به ڏئي سگهي ٿو. هن معاملي جو هڪ ٻيو پاسو به انتهائي اهم آهي. اڳوڻن قبائلي علائقن جا ماڻهو سالن کان امن، انصاف، تعليم، صحت ۽ معاشي موقعن جا منتظر آهن. هٿيارن جي زور تي دهشتگردن جو رستو روڪي سگهجي ٿو پر محرومين جو خاتمو رڳو ترقي، انصاف ۽ سياسي شموليت ذريعي ئي ممڪن آهي. جنهن نوجوان وٽ تعليم ۽ روزگار جي ڪا اميد نه هجي، تنهن کي رياست سان جوڙڻ لاءِ رڳو حفاظتي چوڪيون ڪافي ناهن.

گورنر فيصل ڪريم ڪنڊيءَ لاءِ اهو هڪ غيرمعمولي امتحان آهي. کيس ثابت ڪرڻو پوندو ته پيپلز پارٽيءَ جي سياسي تربيت رکندڙ هڪ آئيني عهديدار جي حيثيت ۾ هو اختلاف رکندڙ ماڻهن کي به برابر جو شهري سمجهي ٿو. سياسي مخالفن خلاف بدلي جي ڪارروائي، اظهار جي آزاديءَ تي غيرضروري پابنديون يا انتظامي اختيارن جو سياسي جماعت جي فائدي لاءِ استعمال، هن فيصلي جي اخلاقي حيثيت کي نقصان پهچائيندو.

پاڪستان تحريڪ انصاف کي به پنهنجي سياسي رويي تي سنجيدگيءَ سان ويچار ڪرڻ گهرجي. ڪنهن پارٽيءَ جي سربراهه کي پيش ايندڙ سياسي ڏکيائيون يقيناً سندس ڪارڪنن لاءِ اهم ٿي سگهن ٿيون پر ڪروڙين ماڻهن جي آباديءَ واري صوبي جي حڪومتي ترجيحن کي ڪنهن هڪ شخص جي جوڙاري محدود نه رکڻ گهرجي. عوام سياسي وفاداريءَ جي بدلي ۾ امن، انصاف ۽ بهتر حڪمرانيءَ جو حق رکي ٿو. ايمرجنسيءَ کي مستقل سياسي بندوبست بڻائڻ بدران، محدود مدي لاءِ انتظامي اپاءَ طور ڏسڻ گهرجي. ان جي ڪاميابيءَ لاءِ چٽا هدف، پارلياماني نگراني، شفاف جوابدهي ۽ چونڊيل جمهوري نظام جي بحاليءَ لاءِ عمل جوڳو رستو ضروري آهي. آخرڪار تاريخ اهو نه ڏسندي ته گورنر هائوس ۾ ڪير ويٺل هو يا وڏ وزارت ڪهڙي جماعت وٽ هئي؟ تاريخ اهو سوال ڪندي ته جڏهن خيبر پختونخوا جو عوام خوف ۽ بي يقينيءَ ۾ مبتلا هو تڏهن رياست انهن لاءِ ڇا ڪيو؟ جمهوريت جي خوبصورتي صرف ووٽ جي عزت ۾ ناهي پر انساني زندگيءَ جي حرمت ۾ به لڪل آهي. جيڪڏهن رياست عوام کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿي ته پوءِ اقتدار چونڊيل حڪومت وٽ هجي يا ڪنهن غيرمعمولي انتظام هيٺ قائم هجي، ان جي ڪاميابيءَ جي دعويٰ کوکلي ثابت ٿيندي.

تاريخ اهو نه ڏسندي ته گورنر هائوس ۾ ڪير ويٺل هو يا وڏ وزارت ڪهڙي جماعت وٽ هئي؟ تاريخ اهو سوال ڪندي ته جڏهن خيبر پختونخوا جو عوام خوف ۽ بي يقينيءَ ۾ مبتلا هو تڏهن رياست انهن لاءِ ڇا ڪيو؟ جمهوريت جي خوبصورتي صرف ووٽ جي عزت ۾ ناهي پر انساني زندگيءَ جي حرمت ۾ به لڪل آهي. جيڪڏهن رياست عوام کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿي ته پوءِ اقتدار چونڊيل حڪومت وٽ هجي يا ڪنهن غيرمعمولي انتظام هيٺ قائم هجي، ان جي ڪاميابيءَ جي دعويٰ کوکلي ثابت ٿيندي.

غلاميءَ جو هڪ نئون روپ


جويريه صديق

قديم زماني ۾ انسانن جون منڊيون لڳنديون هيون، جتي انهن جون باقاعدي بوليون لڳنديون هيون ۽ کين وڪرو ڪيو ويندو هو. انهن منڊين مان غلام خريد ڪري ڪاٿن سڄي عمر ڪم ورتو ويندو هو. سندن استحصال ڪيو ويندو هو ۽ هڪ وقت اهڙو به ايندو هو جڏهن لڳاتار پورهيو ڪندي ڪندي اهي مري ويندا هئا. غلاميءَ جا ڪيترائي روپ هئا. سڀ کان پهريان اهي غلام هئا، جيڪي بازارن ۾ وڪرو ٿيندا هئا ۽ انهن مان گهڻا غربت سبب پاڻ کي وڪڻڻ تي مجبور ٿيندا هئا. ان کان پوءِ جنگي قيدي هئا، جيڪي جنگ هارائڻ جي صورت ۾، جنگ کٽڻ واري قوم جا غلام بڻجي ويندا هئا. انهن غلامن ۾ جنگين ۾ حصو وٺندڙ سپاهي، پوڙها، ٻار، جوان ۽ عورتون وغيره سڀ شامل هوندا هئا. قرض واپس نه ڪرڻ جي صورت ۾ به ماڻهوءَ کي غلام ٿيڻو پوندو هو. غلامن جو هڪ قسم ڄمندي کان غلام هوندو هو. اهي انهن ماڻهن جو اولاد هوندا هئا، جيڪي سندن ڄمڻ کان اڳ ئي غلام بڻيل هوندا هئا. انهن غلامن کان ٻنين ۾ ڪم ورتو ويندو هو ۽ کين نه ڪو اجورو ڏنو ويندو هو ۽ نه ئي موڪل ملندي هئي. اهڙيءَ طرح غلامن کان زبردستي جسم فروشي ڪرائي به سندن استحصال ڪيو ويندو هو. ڪجهه ماڻهو غلامن جو واپار ڪندا هئا ۽ جهازن ۾ ڀري کين ٻين علائقن ۾ وڪرو ڪري ڇڏيندا هئا.

وقت گذرڻ سان گڏ دنيا جي مختلف حصن ۾ غلاميءَ خلاف تحريڪون شروع ٿيون. 1787ع ۾ لنڊن ۾ غلامن جي واپار کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ تنظيم قائم ڪئي وئي. وليم ولبرفورس 20 سالن تائين غلاميءَ جي خاتمي لاءِ جدوجهد ڪئي. آخرڪار 1807ع ۾ برطانيا غلامن جي واپار تي پابندي لڳائي ڇڏي ۽ پوءِ 1833ع ۾ برطانيا جي سمورن علائقن مان غلامي ختم ڪئي وئي. آمريڪا ۾ به غلاميءَ خلاف تحريڪون هليون. وليم لائڊ گيريسن 1831ع ۾ 'دي لبريٽر' نالي اخبار جاري ڪئي. هيريٽ ٽب نالي هڪ اڳوڻي غلام عورت غلامن کي آزادي ڏيارڻ لاءِ ڳجهي رستي واري تحريڪ شروع ڪئي ۽ 3 سئو غلامن کي آزاد ڪرايو. 1863ع ۾ آمريڪي صدر ابراهم لنڪن هڪ معاهدي تي صحيح ڪري غلاميءَ جي خاتمي ڏانهن عملي قدم کنيو.

اڄ دنيا جا ملڪ گڏيل قومن جي منشور تي عمل ڪرڻ جا پابند آهن. گڏيل قومن جو عالمي محنت وارو ادارو جبري پورهئي تي نظر رکي ٿو. تنهن هوندي به اسان جي ملڪ ۾ غلامي ۽ جبري پورهئي جو رواج اڃا تائين موجود آهي. هتي ماڻهو بازارن ۾ غلامن وانگر وڪرو نه ٿا ٿين پر ٿورن قرضن، تشدد ۽ مجبوريءَ ذريعي کين غلام بڻايو وڃي ٿو. هن جديد غلاميءَ ۾ پورهيتن کي گهٽ اجورو ڏنو وڃي ٿو ۽ ڪيترا ئي ڀيرا اجوري جي ادائيگيءَ ۾ به دير ڪئي وڃي ٿي. جديد غلاميءَ جي قسمن ۾ قرض جي بدلي جبري پورهيو سڀ کان نمايان آهي. ان ۾ ماڻهن کي نسلن تائين مزدوري ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويندو آهي. پرڏيهه ۾ جبري پورهيو به غلاميءَ جو هڪ نئون روپ آهي جنهن ۾ ماڻهن جا پاسپورٽ ضبط ڪري ڪاٿن زبردستي ڪم ورتو ويندو آهي ۽ کين مناسب اجورو به ناهي ڏنو ويندو. زبردستي شادي، انسانن جو غيرقانوني واپار، جسم فروشي ۽ ڊجيٽل غلامي به جديد غلاميءَ جا روپ آهن. خاص طور تي ٻار اهڙي غلاميءَ ۾ سخت استحصال جو شڪار ٿين ٿا. ڪاٿن ڪاٿين ۾ ڪوئلي جي کاڻين، زراعت، جسم فروشي، ڀٺن، دڪانن، ڪارخانن، مرمت جي دڪانن ۽ ٻين ڪيترن ئي شعبن ۾ زبردستي ڪم ورتو وڃي ٿو.

جيڪڏهن 18 سالن کان گهٽ عمر جي ٻار کان تعليم جو حق کسي کيس پورهئي تي لڳايو وڃي ته اهو ٻارن کان جبري پورهيو ڪرائڻ جي زمري ۾ اچي ٿو. محنت جي عالمي اداري موجب پاڪستان ۾ لکين ٻار اهڙو پورهيو ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن. ٻارن کان پورهيو وٺڻ ۽ ٻارن جي عمر مطابق مناسب ڪم ڪرڻ ۾ فرق آهي. گهر ۾ والدين جو هٿ ونڊائڻ يا اهڙو ڪم ڪرڻ جيڪو سندن تعليم ۽ صحت تي خراب اثر نه وجهي، ٻارن کان جبري پورهيو وٺڻ ۾ شامل ناهي. پر اهڙو ڪم جنهن ۾ ٻارن کان لڳاتار پورهيو ڪرايو وڃي، سندن تعليم، راند روند، صحت ۽ آرام جا موقعا کسي ورتا وڃن ۽ کين مارڪٽ ڪئي وڃي، سو ٻارن سان تشدد ۽ سندن استحصال جي زمري ۾ اچي ٿو.

اسان جي ملڪ جو آئين چوي ٿو ته ننڍي عمر جي ٻارن کان خطرناڪ پورهيو نٿو ڪرائي سگهجي ۽ هر ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو حق آهي. تنهن هوندي به اسان جي ملڪ ۾ ٻارن کان جبري پورهيو وٺڻ جو سلسلو جاري آهي. ان دوران ٻارن جو ايترو قدر استحصال ٿئي ٿو جو ڪيترائي ٻار پنهنجي حياتي به وڃائي ويهن ٿا.

ذاتي طور تي مون کي ننڍي عمر جي گهريلو ملازمن کي ڏسي سڀ کان وڌيڪ ڏک ٿيندو آهي. ماڻهو ننڍن ملازمن کي پنهنجي سماجي حيثيت جي نشاني سمجهن ٿا. کين ڦاٽل ۽ پراڻا ڪپڙا پهرائين ٿا، مارڪٽ ڪن ٿا ۽ پيٽ ڀري ماني به نٿا ڏين. پنهنجي گهر جا ڪم ڪار ۽ ٻار به انهن جي حوالي ڪري ڇڏين ٿا. ڏهن ٻارهن سالن جو ٻار آخر ڪنهن ٻئي ٻار يا سڄي گهر جي سنڀال ڪيئن ڪري سگهندو؟ ڪڏهن غربت کان تنگ والدين پنهنجن ٻارن کي اهڙي عذاب ۾ ڌڪي ڇڏين ٿا ته ڪڏهن بي سهارا ۽ يتيم ٻار اهڙي گهريلو پورهيو ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. اوهان پنهنجي چوڌاري نظر ڦيرائي ڏسو لڳ ڀڳ هر ٻئي گهر ۾ ڪو نه ڪو ننڍي عمر جو گهريلو ملازم توهان کي نظر ايندو، جنهن جي ماهوار پگهار رڳو ڪجهه هزار رپيا هوندي آهي.

وڏن واپاري مرڪزن، سئنيما گهرن ۽ بازارن ۾ ڏسو ته خوشحال گهراڻا ڪنهن غريب ٻار يا ٻارڙيءَ کي پاڻ سان گڏ گهمائيندي نظر ايندا. انهن ٻارن کي نه ڪا موڪل ملندي آهي نه ئي آرام جو وقت. اهي سڄو ڏينهن ڪم ڪندا آهن ۽ مارڪٽ به سهندا آهن. امير ماڻهو پنهنجن جانورن لاءِ به باقاعدي ڪمرو ٺهرائيندا آهن پر انهن غريب ٻارن کي ڏاڪڻين جي هيٺيان يا گهرن جي ورانڊي ۾ جاءِ ملندي آهي. تازن ڏينهن ۾ ملتان ۾ پيش آيل ڏکوئيندڙ واقعو اسان جي معاشري جو اصل چهرو ڏيکاري ٿو. 15 سالا هڪ يتيم ٻار شايد وڌيڪ نوڪري ڪرڻ نه پئي چاهي. هو ڪم ڇڏي هليو ويو ته ٺيڪيدار سندس پٺيان ويو ۽ کيس گلي هيٺيان اچي ڇيپاتي ماري ڇڏيو. هڪ يتيم ٻار سان ايتري بي رحمي! اسان جو معاشرو آخر ايترو بي رحم ڇو ٿي ويو آهي؟ ان ٻار کي يتيم خاني مان ڪو هنر سکڻ لاءِ موڪليو ويو هو. هو بجليءَ جو ڪم سکڻ چاهيندو هو پر ٺيڪيدار سندس حياتي کسي ورتي. ڇا اسان جي ملڪ ۾ ٻارن جي حقن جي حفاظت جي ضمانت ڏيڻ لاءِ ڪو به تيار ناهي؟

اهڙيءَ طرح شيخوپوره ۾ هڪڙي ڀيري 12 سالا گهريلو ملازم ٻارڙيءَ کي تشدد ڪري ماريو ويو. مالڪن مٿس چوريءَ جو الزام هڻي کيس ڏنڊن ۽ ٽيبل لوهه سان مارڪٽ ڪئي، جنهن سبب سندس ٻانهن ڀڄي پئي. ٻارڙيءَ جون رڙيون ٻڌي پاڙيسرين وچ ۾ پئي کيس ڇڏايو ۽ پوليس کي اطلاع ڏنو. کيس اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو پر هوءَ حياتيءَ جي جنگ هارائي وئي. ڇا ٻار اهڙيءَ طرح جبري پورهئي جو شڪار ٿي موت جي منهن ۾ ويندا رهندا؟ اڄ انهن سيٺي ماڻهن کي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ گهرجي جن ننڍي عمر جا ٻار گهريلو ملازم بڻائي رکيا آهن ۽ ڪاٿن تعليم، صحت ۽ راند روند جا موقعا به کسي ورتا آهن. گهريلو ملازمت کي غلاميءَ ۾ تبديل نه ڪيو وڃي. پاڪستان ۾ گهريلو ملازمت غلاميءَ جي هڪ نئين صورت اختيار ڪري چڪي آهي پر واڳ ڌڻي ان مسئلي کان غافل بڻجي ويا آهن. دنيا ۾ شايد ظلم ڪندڙ ماڻهو پنهنجي دولت ۽ عهدي جي زور تي سزا کان بچي وڃن پر آخرت ۾ الله تعاليٰ کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندا؟

ذهني دٻاءُ: دشمن نه، زندگيءَ جو پيغام!


غلام نبي مگسي

اسان ذهني دٻاءَ کي اڪثر اهڙو دشمن سمجهون ٿا، جنهن کان هر حال ۾ بچڻ گهرجي. پر Stanford سان لاڳاپيل نفسيات جي ماهر Kelly McGonigal هڪ مختلف سوچ پيش ڪري ٿي: هر دٻاءُ انساني نظام جي ناڪامي ناهي؛ ڪڏهن اهو جسم ۽ ذهن جي ڪنهن اهم چئلينج لاءِ تيار ٿيڻ جو ردعمل به هوندو آهي.

تصور ڪريو، هڪ نوجوان انٽرويو لاءِ ويٺو آهي. دل تيز ڌڙڪي ٿي، هٿن ۾ پگهر اچي ٿو ۽ ذهن ۾ سوالن جو شور آهي. هو جيڪڏهن سمجهي ته "مان گهٻرائجي ويو آهيان، مان شايد ناڪام ٿيندس،" ته اهو احساس سندس خوف وڌائي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن پاڻ کي چوي، "منهنجو جسم مون کي هن چئلينج لاءِ تيار ڪري رهيو آهي،" ته ساڳئي دٻاءَ کي مختلف معنيٰ ملي سگهي ٿي.

McGonigal جو اهم سبق اهو آهي ته دٻاءُ بابت اسان جي سوچ ۽ ان تي اسان جو ردعمل اهم آهي. سندس مشهور TED گفتگو ماڻهن کي دٻاءَ کي صرف دشمن سمجهڻ بدران ان سان وڌيڪ تعميري تعلق پيدا ڪرڻ ۽ مشڪل وقت ۾ ٻين سان رابطو وڌائڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿي.

شاگرد امتحان لاءِ پريشان آهي، ڇاڪاڻ ته مستقبل سندس لاءِ اهم آهي. والدين اولاد بابت فڪرمند آهن، ڇاڪاڻ ته انهن کي پنهنجي پرواهه آهي. ذميوار ماڻهو ڪم بابت دٻاءَ ۾ اچي ٿو، ڇاڪاڻ ته نتيجا سندس لاءِ معنيٰ رکن ٿا. تنهنڪري ايندڙ ڀيري دٻاءُ محسوس ٿئي ته رڳو اهو نه پڇون:

"مان ايترو پريشان ڇو آهيان؟"

پر اهو به پڇون: "آخر ڪهڙي شيءِ آهي، جيڪا منهنجي لاءِ ايتري اهم آهي؟"

ساڳئي وقت، شديد يا مسلسل ذهني دٻاءَ کي معمولي سمجهي نظرانداز ڪرڻ مناسب ناهي. ضرورت پوڻ تي خاندان، دوستن يا ماهرن کان مدد وٺڻ گهرجي. McGonigal جي پيغام ۾ به سماجي رابطي ۽ ٻين ڏانهن مدد لاءِ وڌڻ کي اهميت ڏني وئي آهي.

زندگي بنا دٻاءَ جي شايد ممڪن ناهي، جو نه جتي خواب آهن اتي امتحان آهن، جتي ذميواري آهي اتي فڪر آهي ۽ جتي تبديلي آهي اتي بيچيني به آهي.

اصل هنر دٻاءَ کان ڀڄڻ نه، پر ان جو پيغام سمجهڻ آهي— شايد دٻاءُ ڪڏهن ڪڏهن اهو چئي رهيو هجي:

"هي معاملو تنهنجي لاءِ اهم آهي؛ پاڻ کي سنڀال، مدد وٺ ۽ اڳتي وڌ."

اڄوڪو ڏينهن ..... 28 آڪٽوبر



مختيار انڙ

سيد عطا حسين شاهه موسوي



سنڌ جي هن جيد عالم، اديب ۽ علم دوست انسان جو جنم 28 آڪٽوبر 1898ع تي روهڙي شهر ۾ سيد وڏيل شاهه جي گهر ۾ ٿيو. ان وقت جي دستور مطابق سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم پنهنجي شهر جي عالم قاضي ميان غلام مهديءَ کان حاصل ڪيائين. 1916ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيائين. هن مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيو ۽ بي اي جو امتحان ڪراچيءَ جي ڊي جي ڪاليج مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان فارسي ادب ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ اسڪول جي استاد طور ڪيائين. هن شڪارپور، نوشهري فيروز ۽ حيدرآباد سميت سنڌ جي مختلف هاءِ اسڪولن ۾ قوم جي نونهالن کي علم جي زيور سان آراسته ڪيو. پاڻ مختلف اسڪولن جي هيڊماستر طور پڻ ڪم ڪيو. اڳتي هلي هن جن اهم عهدن تي ڪم ڪيو، تن ۾ ملان محمدن اسڪولس آف سنڌ جو ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر، ٿرپارڪر ضلعي جو ايڊمنسٽريٽو آفيسر، اتر سنڌ جي اسڪولن جو اسسٽنٽ ايجوڪيشنل ايڊمنسٽريٽر، سکر ڊويزن جي اسڪولن جو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ۽ سنڌ جي تعليم کاتي جو ڊپٽي ڊائريڪٽر شامل آهن. هن پنهنجي پيءُ سيد عبدالحسين شاهه موسويءَ سان گڏجي 1956-57ع ۾ سکر ايجوڪيشنل سوسائٽيءَ جو بنياد رکيو. روهڙيءَ لا ڪاليج به سندس ڪوشش سان کليو. انهيءَ ڪاليج کي سندس ياد ۾ اڄڪلهه 'سيد عطا حسين شاهه موسوي ڊگري ڪاليج' ڪوٺيو وڃي ٿو. هن هڪ درجن کان وڌيڪ ڪتاب پڻ لکيا. هن 8 جون 1966ع تي دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيو. هن عظيم انسان جو تفصيلي احوال ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي ڪتاب "مقالات خانائي" ۾ موجود آهي.

نثار حافظ




هن ناميارو سماجي خدمتگار ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) جي سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار جو جنم 28 آڪٽوبر 1947ع تي ميرپورخاص ۾ ٿيو. هن نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ مهراڻ يونيورسٽي ڄامشوري مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ واري شعبي ۾ انجنيئرنگ جي سند حاصل ڪئي. هن ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ نوڪري ڪئي. عمر جو آخري حصو آمريڪا جي ٽيڪساس شهر ۾ گذاريائين. هو سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) جو سرگرم ڪارڪن هو. 1990-91ع ۾ انهيءَ تنظيم جي مرڪزي ڪاروباري ڪميٽيءَ جو ميمبر رهيو ۽ 1995ع ۽ 1996ع ۾ سگا ڪراچيءَ جو صدر رهيو. هن 9 جون 2025ع تي وفات ڪئي.

بل گيٽس




بل گيٽس جو شمار دنيا جي انتهائي ڪامياب ڪاروباري شخصيتن ۾ ٿئي ٿو. هو ڪمپيوٽر جي مشهور ڪمپنيءَ 'مائڪروسافٽ ڪارپوريشن' جو بنياد وجهي ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ ۾ هڪ انقلاب برپا ڪيو. دنيا جي هن مشهور شخصيت جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1955ع ۾ آمريڪا جي شهر سيئٽل (Seattle) ۾ ٿيو. هن کي ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي هئي. اڃا تيرهن سالن جو مس هو، جڏهن هن پهريون سافٽ ويئر پروگرام لکيو. هن اسڪول ۾ ڪمپيوٽر پروگرام ٺاهيندڙ ٻارن جي هڪ ٽيم ٺاهي. انهيءَ ٽيم اسڪول جي ملازمن جي پگهارن ۽ ٽيڪس وغيره جو رڪارڊ رکڻ لاءِ ڪاميابيءَ سان هڪ سافٽ ويئر پروگرام ٺاهيو. اڳتي هلي ساڳي ٽيم روڊ تي هلندڙ موٽر ڪارن جي ڳڻپ لاءِ هڪ ڪمپيوٽر پروگرام تيار ڪيو. اڳتي هلي هن پنهنجي دوست پال جي ايلن سان ملي جڳ مشهور مائڪرو سافٽ ڪارپوريشن جو بنياد رکيو. هن ڪارپوريشن ڪمپيوٽرن کي هلائڻ لاءِ "مائڪروسافٽ ڊسڪ آپريٽنگ سسٽم" (ايم ايس ڊاس) نالي آپريٽنگ سسٽم متعارف ڪرايو جنهن سان ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ ۾ ڄڻ ته هڪ انقلاب برپا ٿي ويو ۽ دنيا ۾ وڏي پيماني تي ڪمپيوٽر جو استعمال شروع ٿيو. 1990ع واري ڏهاڪي ۾ مائڪروسافٽ پاران تيار ڪيل ونڊوز آپريٽنگ سسٽمس ڪمپيوٽر ذريعي مواصلاتي نظام کي آسان بڻائي ڇڏيو ۽ سڄي دنيا ۾ انٽرنيٽ جي استعمال کي ممڪن بڻايو. 2000ع ۾ هن پنهنجي گهر واريءَ ميلنڊا سان گڏجي "بل اينڊ ميلنڊا گيٽس فائونڊيشن" نالي سان هڪ خيراتي اداري جو بنياد رکيو. اهو ادارو دنيا جي وڏن خيراتي ادارن مان هڪ آهي. انهيءَ اداري دنيا مان بک ۽ غربت جي خاتمي، وچڙندڙ بيمارين کان بچاءَ لاءِ سستيون دوائون ٺاهڻ، ڪووڊ جهڙي وائرس جي خاتمي لاءِ ويڪسين ٺاهڻ ۽ اهڙين ٻين انساني ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هو اڄ به ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي توڙي انسانذات جي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ هڪ اهم حيثيت رکي ٿو.

منيش ڪمار نواڻي




سنڌي ٻوليءَ جي هن اڀرندڙ شاعر 28 جولاءِ 2003ع تي گوپيلچند مينگهواڙ جي گهر ڏيپلي ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. 2021ع کان زاهد گل جمالي ۽ پير ٻها سرهنديءَ جي سرپرستيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو. آتس، وايون ۽ غزل سندس من پسند صنفون آهن. مارئي ساهو ۽ عبدالله هنگورجي جي ترتيب ڏنل گڏيل شاعريءَ جي ڪتاب "ذات جا ڏيئڙا" ۾ هن جي ڪجهه شاعري شامل آهي.

پرسرام ضيا




هند ۽ سنڌ جي هن مشهور شاعر 11 جولاءِ 1911ع تي سانگهڙ ضلعي جي شهر ٽنڊي آدم ۾ اک کولي. هن جي پيءُ جو نالو هيرانند سچاننداڻي هو. هن مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي. هو هڪ اسڪول ۾ سنڌي پڙهائيندو هو. هن هڪ پريس ۾ ڪمپازيٽر طور به ڪم ڪيو. هن ننڍي ڄمار ۾ ئي شاعري شروع ڪئي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ پرسوءَ رنجور تخلص استعمال ڪيا پر بعد ۾ شيخ مراد علي ڪاظم جي صحبت ۾ رهي "ضيا" تخلص استعمال ڪيائين. ورهاڱي کان پوءِ الهاس نگر ۾ وڃي رهائش اختيار ڪيائين. اتي ئي هن جي ڌيءَ گوپيءَ جي شادي ماستر چندر جي پٽ گوپ چندر سان ٿي. ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ ضيا جي شاعريءَ جا جيڪي ڪتاب شايع ٿيا، تن ۾ "گلزار رنجور"، "تصوير احساس"، "باغ و بهار"، "ادبي گل"، "الاپ ضيا"، "پيغام ضيا" ۽ "گيت برهه جا" شامل آهن. هن جا گيت هندستان ۾ ٺهندڙ سنڌي فلمن اباڻا، لاڏلي، جهولي لال، ايڪتا ۾ شامل ڪيا ويا. هن ڪئي آهي ڪنورام ۽ راءِ ڏياچ ۾ شامل ڪيا ويا. هن هندو مذهب جي ڪجهه ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو پڻ ڪيو. تاريخ 28 آڪٽوبر 1958ع تي هن سرموڙ شاعر هن دنيا مان هميشه لاءِ موڪلايو. الهاس نگر جي ميونسپل ڪارپوريشن الهاس نگر جي هڪ روڊ کي سندس نالي سان منسوب ڪيو.

تاج صحرائي



اڄ مشهور ليکڪ، شاعر ۽ آثار قديمه جي ماهر تاج صحرائيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو پورو نالو تاج محمد ولد نورمحمد ميمڻ هو ۽ سندس جنم شڪارپور ۾ سيپٽمبر 1921ع ۾ ٿيو. هن مئٽرڪ جو امتحان پنهنجي اباڻي شهر شڪارپور مان پاس ڪيو، جڏهن ته بي اي ۽ بي ٽي جون سندون ڪراچيءَ جي تعليمي ادارن مان حاصل ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي. 1952ع ۾ دادوءَ ۾ طالب المولى اسڪول قائم ڪري پاڻ انهيءَ جو هيڊ ماستر ٿيو. هن دادوءَ ۾ علامه آءِ آءِ قاضي پبلڪ لائبريري پڻ قائم ڪئي. هن ڪجهه عرصو سنڌ ميوزيم حيدرآباد جي پهرئين اسسٽنٽ ڊائريڪٽر طور پڻ ڪم ڪيو. هن سنڌ جي قديم ماڳن، سنڌ جي تهذيب، شاهه جي شاعري ۽ ٻين موضوعن تي ڪيترائي مضمون ۽ تحقيقي مقالا لکيا. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ سنڌو تهذيب، دادو ضلعو- جاگرافيءَ ۽ تاريخ جي آئيني ۾، ڪيرٿر جبل، گورک چوٽي، منڇر ڍنڍ، نيٽين ننڍ اکوڙ ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. کيس پاڪستان سرڪار پاران حسن ڪارڪردگيءَ جي تمغي سان نوازيو ويو. هن 28 آڪٽوبر 2002ع تي وفات ڪئي. سندس شخصيت ۽ ڪارنامن تي مشهور اديب پروفيسر اعجاز احمد قريشيءَ هڪ ڪتاب ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي جنهن جو موضوع آهي "تاج صحرائي- ڏاهو، محقق، تعليمدان ۽ عالم". مرحوم محمد عرس اظهر سولنگيءَ به پنهنجي ڪتاب "دادو ضلعو هڪ اڀياس" ۾ تاج صحرائيءَ جو سوانحي خاڪو شامل ڪيو آهي.

علي نواز بلوچ




علي نواز بلوچ فوٽبال جو مشهور رانديگر هو. هن جو جنم ڪراچيءَ جي لياريءَ واري علائقي ۾ ٿيو هو. 1967ع کان 1974ع تائين پاڪستان جي فوٽبال ٽيم جو حصو رهيو. هو پاڪستان جي فوٽبال ٽيم جي قومي ٽيم جو ڪپتان پڻ رهيو. هن قومي ٽيم جو حصو بڻجي فوٽ بال جي ڪيترن ئي بين الاقوامي مقابلن ۾ حصو ورتو. هو پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائينز جي فوٽ بال ٽيم جو پڻ حصو رهيو. هو سڄا سارا 5 سال دبئيءَ جي امارات فوٽبال ڪلب پاران به فوٽبال کيڏيندو رهيو. هو دبئيءَ جي انهيءَ ڪلب جو 5 سال ڪوچ پڻ رهيو. هو بنگلاديش جي ڍاڪا محمدن فوٽ بال ڪلب جو به حصو رهيو. انهيءَ ڪلب پاران هن ڪيترائي گول اسڪور ڪيا. ان ڪري هو بنگلاديش ۾ ڪافي مشهور ٿيو. کيس پاڪستان سرڪار پاران 1996ع ۾ حسن ڪارڪردگيءَ جي تمغي سان نوازيو ويو. هن ناميارو رانديگر 28 آڪٽوبر 2022ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي.

استاد انور علي سانگي



سنڌ جي هن مشهور ڪلاڪار ۽ موسيقار جو جنم پهرين جنوري 1944ع تي ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ سانگيءَ ۾ ٿيو. اڃا ننڍڙو ٻارڙو ئي هو جو سندس ڪٽنب پنهنجو اباڻو ڳوٺ ڇڏي اچي لاڙڪاڻي ۾ رهائش اختيار ڪئي. استاد انور علي انهيءَ ئي شهر ۾ پليو نپنو ۽ وڏو ٿيو. هن موسيقيءَ جي ابتدائي سکيا استاد ميهر عليءَ کان حاصل ڪئي ۽ ان کان پوءِ استاد منظور علي خان کان موسيقيءَ جا راز ۽ رمزون سکيو. شروع ۾ لاڙڪاڻي ۽ ان جي آسپاس وارن علائقن ۾ ۽ مختلف بزرگن جي مزارن تي ڳائيندو هو. 1975ع ۾ پهريون ڀيرو سندس آواز ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اسٽوڊيو مان عوام تائين پهتو. هن سنڌي، سرائڪي، اردو، هندي ۽ فارسي ٻولين ۾ ڳايو. هن "سارنگ سنگيت" لاڙڪاڻي جو بنياد رکيو، ڪيترن ئي نوجوانن کي راڳ جي سکيا ڏني. سندس مشهور شاگردن ۾ عاشق نظاماڻي، اسلم ٽنيو، ممتاز عباسي ۽ ٻيا ڪيترائي مشهور راڳي شامل آهن. هو آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻي جو چيئرمين رهيو ۽ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي موسيقيءَ جي پروگرامن ۾ باقاعدگيءَ سان شريڪ ٿيندو هو. هن ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جي ڏهن سُرن کي اصل راڳڻين ۾ ڪمپوز ڪيو، جنهن کي سندس وڏو ڪارنامو چئي سگهجي ٿو. هن 28 آڪٽوبر 2020ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

ادا قاضي



اڄ مشهور ليکڪ ادا قاضيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هيءُ ناليوارو ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار ۽ چترڪار 8 فيبروري 1937ع تي شهدادڪوٽ شهر ۾ قاضي محمد امين جي گهر پيدا ٿيو. هن جو اصل نالو فضل ڪريم قاضي هو. هن ڊرائنگ جو امتحان پاس ڪيو ۽ ايم اي اڪنامڪس جي سند حاصل ڪئي. عملي زندگيءَ جي شروعات ڊرائنگ ٽيچر طور ڪيائين ۽ 1997ع ۾ رٽائر ٿيو. هن 1984ع ڌاري ادبي ميدان ۾ پير پاتو. جيتوڻيڪ ادبي دنيا ۾ سندس اصل سڃاڻپ هڪ ڪهاڻيڪار طور آهي پر شاعري پڻ ڪيائين ۽ ڪجهه ٽيليويزن ڊراما پڻ لکيائين. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "ڪاري" (ڪهاڻيون)، "سامر" (ڪهاڻيون)، "شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو جديد مطالعو" (تحقيقي مقالو)، "ٽپاس" (ڪهاڻيون)، "آخري ڪاغذ" (ڪهاڻيون) ۽ "چهر" (مزاحيه ڪهاڻيون) شامل آهن. هن 28 آڪٽوبر 2022ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبروجناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 491 سال 2026

سيده مشل شاهه ڌيءِ سيد مشتاق علي شاهه رهندڙ بنگلو نمبر M-1 ريلوي ڪالوني نزد ريلوي اسٽيشن نوابشاهه ..پلينٽف ..بخلاف.. سيد نذير شاهه ولد سيد جلال الدين شاهه رهندڙ نزد لطيف گيٽ ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبروجناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 452 سال 2026

سيده گل بانو ڌيءِ جان محمد رهندڙ ڳوٺ عظيم آباد ديهه 117 نصرت تعلقو دوڙ ..پلينٽف ...بخلاف.. مهتاب علي ولد علي حيدر رهندڙ ڳوٺ علي محمد مغيري نزد ايشپورٽ نوابشاهه .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمد هاشم ولد محمد حسن خاصخيلي ويٺل ڳوٺ شير محمد نوڙها تعلقو ضلعو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس ڏاڏي نالي مسمات مريم زال احمد خاصخيلي جيڪو تاريخ 22-07-1974 تي فوت ٿي ويئي آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه ڪيبراڻي تپو خيبر تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) محمد بچل (غير شادي شده) (پٽ) (2) محمد حسن (پٽ) (3) محمد حسين (پٽ) (4) مسمات سمي (ڌي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقه سني جو مسلمان هئو سندس گهروارو ولد ۽ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي غلام مصطفىٰ ولد لعل محمد خاصخيلي (2) محمد ابراهيم ولد لڪانو خاصخيلي جن ڪيبر ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو بيان ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان جو والد (مرحوم) محمد اسلم رانا ولد چوڌري محمد شريف مسلم بالغ رهندڙ گهر نمبر A-174 بلاڪ 3 محلو گلشن اقبال ڪراچي شرقي شناختي ڪارڊ نمبر 4220107706365 (مرحوم) کي 1 عدد پلاٽ نمبر 276 حيدرآباد ٻوڙن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي (ايراضي 427 گز) الاٽ ٿيو هو (جنهن جي وفات 18 فيبروري 2022 ۾ ٿي هئي) جنهن جا حقيقي [illegible]

[illegible]

لعل ڏنو اڄڻ ۾ شادي جي تقريب ۾ خوشي ۾ فائرنگ ڪرڻ دوران گولي لڳڻ سبب اٺ سالا ٽينگر عبدالحفيظ اڄڻ مارجي ويو هو ۽ نوجوان تسيمر علي اڄڻ زخمي ٿي پيو هو، جنهن جي واقعي جو آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پاران نوٽيس وٺڻ بعد ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

[illegible]

ڪمپنين کي رفتار بابت پابند بڻائين ۽ حادثو ڪندڙ ڊرائيور کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻدو وڃي

بقايا	15	روزاني عبرت

ٻنهي ڌرين وچ ۾ ناهه ڪرائي ڪين هڪ ٻئي سان ڀاڪر پارائي، ناهه ٺاهه پڻ ڪرائي وئي.ان موقعي تي ٻنهي ڌرين تڪرار ختم ڪري ڀائيچاري ۽ امن سان رهڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ڳڻجاڻي ۾ رئيس عالم خان ملڪ يونين ڪائونسل

حيدرآباد جي جسٽس عدنان ڪريم ميمڻ ۽ جسٽس محمد جعفر رضا تي ٻڌل ڊويزن بئنچ ۾ ڪوٽڙي واسي عبداللطيف پاران ايڊووڪيٽ واجد علي خاصخيلي معرفت درخواست داخل ڪئي وئي. درخواست ۾ ڄامشورو ضلعي اندر معذور ڪوٽا تي ڀرتين دوران مبينا بي ضابطگين، ميرٽ کي نظرانداز ڪرڻ ۽ من پسند اميدوارن کي نوڪريون ڏيڻ واري معاملي کي چئلينج ڪيو ويو.

جي ضرورت تي زور ڏنو ان موقعي تي ڊاڪٽر قادر مگسي سنڌ جي سمورن سياسي ڪارڪنن، اديبن، دانشورن، صحافين، وڪيلن، واپارين، نوجوانن، عورتن ۽ شاگردن سميت هر ٻولي ڳالهائيندڙ سنڌ واسين کي اپيل ڪئي ته هو 8 نومبر جي قومي ڪانفرنس ۽ 29 نومبر جي "سنڌ منهنجي امان" عوامي اجتماع ۾ ڀرپور شرڪت ڪن. هن چيو ته سنڌ اسان جي ماءُ، اسان جي سڃاڻپ ۽

ڀرتي لاءِ اهل اميدوار آهي ۽ سندس تعليمي قابليت ائين درجي تائين آهي، پر ان جي باوجود کيس نوڪري ڏيڻ بدران نظرانداز ڪيو ويو ڀرتي دوران ضلعي انتظاميا طرفان موقف اختيار ڪيو ويو ته درخواستگذار عبداللطيف جو تعليمي سرٽيفڪيٽ ڪوڙو آهي، جنهن تي درخواستگذار جي وڪيل اعتراض ڪندي چيو ته ضلعي انتظاميا جنهن اسڪول مان عبداللطيف تعليم حاصل ڪئي، اتان سندس سرٽيفڪيٽ جي تصديق لاءِ ڪا به جاچ نه ڪرائي آهي. وڪيل جو چوڻ هو ته سرٽيفڪيٽ جي تصديق ڪانسواءِ ان کي ڪوڙو قرار ڏيڻ درست ناهي. ان موقعي تي عدالت ريمارڪس ڏيندي ڀرتين جي عمل ۽ تعليمي سرٽيفڪيٽن جي جاچ ۾ دير تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. عدالت چيو ته ڀرتيون سال 2024ع ۾ ٿيون آهن، جڏهن ته تعليمي سرٽيفڪيٽن جي جاچ سال 2025ع ۾ ڪئي پئي وڃي. عدالت لاڳاپيل عملدارن کان پڇاڻو ڪندي چيو ته جيڪڏهن من پسند اميدوارن کي نوڪرين جا آرڊر جاري ڪرڻا آهن ته ڇا ان لاءِ اوهان جا پنهنجا قانون آهن؟ معذور اميدوارن جي حقن ۽ قانوني گهرجن کي نظرانداز ڇو پيو ڪيو وڃي؟ عدالت ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو سميت لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته درخواستگذار ۽ لاڳاپيل اميدوارن جي تعليمي سرٽيفڪيٽن جي مڪمل جاچ ڪرائي ٻن هفتن اندر رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي وڃي. عدالت وڌيڪ ٻڌڻي ٻن هفتن تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

جي مرحوم والد جي موضع جهان خان، تحصيل لکي غلام شاهه، ضلعي شڪارپور ۾ واقع پنج ايڪڙ زرعي زمين جي مالڪي رڪارڊ ۽ موجوده قبضي جي غير جانبدار جاچ ڪئي وڃي، سڀني لاڳاپيل ڌرين جو موقف ٻڌو وڃي ۽ قانون موجب حقيقتون طئي ڪيون وڃن. متاثر خاندان مطالبو ڪيو ته جيڪڏهن جاچ ۾ انهن جا الزام سچ ثابت ٿين ته مبينا قبضو ختم ڪيو وڃي ۽ زمين قانوني حقدارن جي حوالي ڪئي وڃي ۽ ذميوار ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. انهن اهو به اپيل ڪئي ته انهن کي موت جي ڌمڪين کان بچايو وڃي ۽ انهن جي شڪايتن تي فوري قانوني ڪارروائي ڪري انصاف کي يقيني بڻايو وڃي. متاثر صديقي خاندان اختيارين کي اميد ظاهر ڪئي آهي ته سندن درخواستن کي نظرانداز نه ڪيو ويندو ۽ ڏهن سالن کان هلندڙ هي تڪرار قانون ۽ انصاف جي گهرجن مطابق حل ڪيو ويندو ته جيئن اهي پنهنجي وراثت ۾ مليل زمين کان محرومي جي ڪري پيش ايندڙ معاشي مشڪلاتن تي قابو پائي سگهن ۽ هڪ باوقار زندگي گذاري سگهن.

بقايا	23	روزاني عبرت

مولائي جي ريگل جنرل اسٽور ۾ اوچتو باهه لڳي وئي جنهن سبب دڪان ۾ پيل سامان جزوي طور متاثر ٿيو ويجهي دڪاندارن بروقت ڪارروائي ڪندي پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه تي ضابطو آندو جنهن سبب باهه ٻين دڪانن تائين پکڙجڻ ۽ وڏي نقصان جو خدشو ٽري

ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو ٽيئي ڏينهن ڊرامڪ پروگرام، ٽيبلوز خاڪا، ڊراما ۽ اسٽيجز پڻ جاري رهيا ۽ مختلف فري ڪاڌي پيتي جا اسٽال ۽ سامائن جا اسٽال پڻ ميلي جي رونق وڌائي رهيا هئا ميلي جا ٽيئي ڏينهن ڀائي اميت ڪمار شداڻي، ڀائي امبريش لال شداڻي، ڀائي ارجنداس ڪارڙا، صدر سڌامچند ساهتيا ، ڊاڪٽر منشا رام ۽ ٻيا انتظامن جي سارسنڀال ڪندا رهيا ميلي جي پڄاڻي تي شري رامائڻ صاحب کي پڙهي ڀوڳ وڌو ويو ڌوٽي صاحب ٻڌي چادرون چاڙهي ارداس پراٿنا ۽ پلئو پائي ملڪ جي پلاڻي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون گهريون ويون جنهن بعد سنتن جي سالگرهه جا ڪيڪ ڪاٽي آيل سمري سنگت ۾ پرساد طور ورهايو ويو..

بقايا	20	روزاني عبرت

مٺس ۽ سندس اولاد تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا هن چيو ته شهر جي ٽيڪ مردن طرفان فيصلا به رکيا ويا پر هو ڪنهن به فيصلي کي مڃڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ پنهنجي آفيسري جي بنياد وڌيڪ ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي . هن چيو ته ڪيس پاءِ کان مائٽاڻي ملڪيت جو حصو ڏياري مٺس ۽ سندس پٽن ۽ پاڻن تي داخل ڪيس ختم ڪيا وڃن .

بقايا	21	روزاني عبرت

2026ع واري حڪم ۾ قرار ڏنو ته درخواستگذار قانون موجب لاڳاپيل مجاز فورم آڏو اپيل يا ٻيو قانوني رستو اختيار ڪري سگهي ٿو.

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
خيرپور ناٿن شاهه ڊرينيج ڊويزن ايٽ ڪي. اين. شاهه

ٽيليفون نمبر: (025)4720721

No: XEN/KNDD/Admn:/ 501/2026 Date: 23/10/2026

سنڌ حڪومت
آبپاشي کاتو

حوالو:ــ ڊپٽي ڪمشنر دادو تاريخ 23-10-2026 تي ٿيل اجلاس ۾ ڏنل هدايتن موجب.

خالي جايون

ضلعي دادوءَ جي رهائش رکندڙ اميدوارن کان هيٺ ڏنل آسامين تي ڀرتيءَ لاءِ ميرٽ تي عام سيٽن ۽ عورتن جي ڪوٽا سيٽن لاءِ درخواستون گهربل آهن

شمار نمبر	پوسٽ جو نالو ۽ بي پي ايس	عهدن جو تعداد	ڊوميسائل جو ضلعو	تعلقو	يونين ڪائونسل	قابليت	عمر
01	02	03	04	05	06	07	08
الف)	**ميرٽ تي عام سيٽون**						
01	ڊرائيور (BPS-04)	01 نمبر	دادو	ڪي اين شاهه	يوسي ڪي. اين. شاهه	ميٽرڪ پاس	18 کان 28 سال
02	بيلدار (BPS-01)	02 نمبر	دادو	ڪي اين شاهه	يوسي فتح پور	مڊل پاس	18 کان 28 سال
03	بيلدار (BPS-01)	03 نمبر	دادو	ڪي اين شاهه	يوسي منگوائي	مڊل پاس	18 کان 28 سال
04	سوئيپر (BPS-01)	01 نمبر	دادو	ڪي اين شاهه	يوسي ڪي. اين. شاهه	مڊل پاس	18 کان 28 سال
ب)	**عورتن جي ڪوٽا**						
01	چوڪيدار (BPS-01)	01 نمبر	دادو	ڪي اين شاهه	يوسي ڪي. اين. شاهه	مڊل پاس	18 کان 28 سال

i) مڪمل بايوڊيٽا، ٻن پاسپورٽ سائيز تصويرن ۽ سرٽيفڪيٽن جي تصديق ٿيل نقلن سان گڏ درخواست ايگزيڪيوٽو انجنيئر خيرپور ناٿن شاهه ڊرينيج ڊويزن ايٽ ڪي. اين. شاهه جي نالي سان هيٺ گهرجي ۽ تاريخ 05/11/2026 تائين ذاتي طور تي جمع ڪرائڻ گهرجي.
ii) ڪنهن به لحاظ کان اڻپورين يا دير سان پهتل درخواستن تي غور نه ڪيو ويندو
iii) ڊرائيور جي سيٽن لاءِ درخواست ڏيندڙ اميدوارن جي درخواست سان گڏ تسليم شده کاتي جو ايل ٽي ڊرائيونگ لائسنس هجڻ ضروري آهي.
iv) ضرورت پوڻ جي صورت ۾ سيٽن جو تعداد وڌائي يا گهٽائي سگهجي ٿو
v) انٽرويو ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ڪو به سفري الائونس يا روزاني الائونس (T.A / D.A) نه ڏنو ويندو
vi) درخواستون وصول ڪرڻ جي آخري تاريخ تائين عمر جي مٿين حد ۾ 15 سالن تائين رعايت هوندي. جيئن سنڌ حڪومت طرفان اهڙي رعايت جي اجازت ڏني وئي آهي.
vii) ٽيسٽ / انٽرويو جي تاريخ جو اعلان بعد ۾ ڪيو ويندو

INF/KRY/4783/2026

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
خيرپور ناٿن شاهه
ڊرينيج ڊويزن ايٽ ڪي. اين. شاهه

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

URAAN PAKISTAN

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ
(Wholly owned subsidiary of State Bank of Pakistan)

آڇون طلب گهرائجن ٿيون | سامان جي خريداري

1. پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پروڪيورمينٽ) مالي سال 2026-27 لاءِ تجويز ڪيل خريداري خاطر فنڊ مختص ڪري رکيا آهن. پي ايس پي سي (پروڪيورمينٽ) انهن فنڊن مان حاصل ٿيندڙ رقم جو هڪ حصو ID1 لاءِ "چپ ۽ اينٽينا سان ليس، اڳوات اسيمبل ٿيل ۽ ليمينيٽ ڪيل پولي ڪاربونيٽ شيٽن جي خريداري" جي معاهدي تحت واجب الادا ادائيگين لاءِ استعمال ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي. هن خريداري جو حوالو نمبر P171768 ۽ پروڪيورمينٽ ريفرنس نمبر "FP-26-REQ-1026-3-00024" آهي.
2. پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پروڪيورمينٽ) EPADS v2.0 تي واڪ دستاويزن ۾ ڄاڻايل شين جي خريداري لاءِ اهل واڪ ڏيندڙن کان مهربند آڇون طلب ڪري ٿي.
3. ڄاڻايل خريداري لاءِ هڪ مرحلي ۽ هڪ لفافي وارو طريقيڪار اختيار ڪيو ويندو. جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ لاڳت جي بنياد تي چونڊ (LCBS) جي ٽيڪنڪ استعمال ڪئي ويندي. اهو طريقيڪار پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2026 ۽ اٿارٽيءَ طرفان وقت بوقت جاري ڪيل ڪنهن به ضابطن، ريگيوليٽري گائيڊز، خريداري بابت رهنما اصولن يا هدايتن مطابق هوندو
4. سمورين آڇن سان گڏ واڪ دستاويزن جي بڊ سيڪيورٽي واري سيڪشن ۾ ڄاڻايل ماليت جي بڊ سيڪيورٽي جمع ڪرائڻ لازمي هوندي. جيڪا پي آرڊر، بئنڪ گارنٽي يا واڪ دستاويزن ۾ مقرر ڪيل فارميٽ مطابق آڇ جي ضمانت واري اقرارنامي (بڊ سيڪيورٽي ڊڪليئريشن) جي شڪل ۾ جمع ڪرائي سگهجي ٿي.
5. تفصيلي شرطن ۽ ضابطن، ٽيڪنيڪي وضاحتن ۽ ٻين ضروري گهرجن وغيره تي ٻڌل اِي-آڇ دستاويز اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) لنڪ https://epads.gov.pk/opportunities/federal/procurements/171768 تي موجود آهن. سڀني واڪ ڏيندڙن کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اهي EPADS v2.0 جي نئين ورجن تي پنهنجي رجسٽريشن ڪرائين. اهي EPADS v2.0 تي پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪري آڇ جي عمل ۾ حصو وٺي سگهن ٿا.
6. اي-آڇون، جيڪي اي-آڇ جي دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيون ويون هجن، خميس، 19 نومبر 2026ع، صبح جو 11:00 وڳي تائين لازمي طور EPADS v2.0 ذريعي جمع ڪرايون وڃن. اليڪٽرانڪ آڇون ساڳئي ڏينهن، خميس، 19 نومبر 2026ع، صبح جو 11:30 وڳي EPADS v2.0 ذريعي کوليون وينديون. هٿ سان جمع ڪرايل آڇون قبول نه ڪيون وينديون. اهي وينڊرز، جن اڃا تائين EPADS v2.0 جي نئين ورجن تي رجسٽريشن نه ڪرائي آهي، اهي https://vendors.epads.gov.pk تي پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪري سگهن ٿا. رجسٽريشن جي طريقيڪار جي وضاحت لاءِ تربيتي وڊيو جو لنڪ https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc تي موجود آهي.

پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2026 جي رول 65 مطابق، هن خريداري لاءِ شڪايتن جي ازالي واري ڪميٽي (GRC) جوڙي وئي آهي، جنهن جو نوٽيفڪيشن خريداري ڪندڙ اداري جي ويب سائيٽ، اٿارٽي جي ويب سائيٽ www.ppra.org.pk ۽ EPADS v2.0 جي ويب سائيٽ تي پڻ موجود آهي.

ڊپٽي جنرل مينيجر(پروڪيورمينٽ)، پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ
جناح ايونيو ملير هالٽ، ڪراچي فون: +92-219-924-8511 اي ميل: foreign.purchase@pspc.gov.pk

PID K-1411/26

گمبٽ ويجهو تيز رفتار مسافر ويگن جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، نوجوان ڄڻي تي فوت

ڪنب پرسان مهراڻ هاءِ وي روڊ تي پيش آيل حادثي ۾ 20 ورهين جو جنسار علي اڄڻ فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي نوجوان جو لاش ڪڍائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڪاتوري) ڪنب پرسان مهراڻ هاءِ وي روڊ تي تيز رفتار مسافر ويگن جو موٽر سائيڪل سوار کي ٽڪر لڳڻ سبب 20 سالا نوجوان جنسار علي اڄڻ ٿلي ماري ڇڏيو اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي نوجوان جي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڪوٽڏيجي اسپتال منتقل ڪيو جتان
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5



ڦوٽو: ايڊيشنل ڊي آءِ او حسن چنگيزي خلاف ملازم تنظيمن اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

ڏيءَ جي ڳولا ۾ ڪراچي ويل مٽياري واسي نوجوان گهر پهچڻ بعد فوت

پراسرار نموني گم ٿيل ارسلان ميمڻ کي پوليس ڪراچيءَ مان ڳولي گهر پهچايو

نوجوان جي گم ٿيل ڏياڻي بہ پوليس هٿ ڪري ورتي، ٽائو جوڪريءَ کي ٻالڻ سان وٺي ويو هو: پوليس

مٽياري (ڊ ر) ڏيءَ جي ڳولها ۾ ڪراچي ويل مٽياري واسي نوجوان ارسلان ميمڻ واپسي گهر پهچڻ بعد فوت، پوليس ذريعن موجب مٽياري واسي نوجوان ارسلان ميمڻ جي ڏيءَ پراسرار نموني گم ٿي وئي هئي، جنهن جي ڳولها لاءِ ڪراچي ويل نوجوان ارسلان بہ پراسرار نموني گم ڪراچيءَ ۾ گم ٿي ويو هو جنهن مسلسل پوليس ۽ وارثن پاران ڳولها ڪئي وئي پئي، جنهن دوران پوليس کي سي سي ٽي وي فوٽيج مليا جنهن جي مدد سان پتو پيو تہ نوجوان کي جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ هو جتنا ڪيس نامعلوم هجڻ سبب ايڌي سينٽر داخل
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

اوڏيرولال ۽ ڀرپاسي ۾ ڪڻڪ جي اٽي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو

ڀهراڻين ۾ اٽو اڻلڀ، مهانگائي عوام جون رڙيون بدحال ڪري ڇڏيون، پورهيت طبقو پريشان

سرڪار مهيني ۾ صرف 5 ٻورين تي ڏني، مهانگي اگهه تي پرائيويٽ ڪڻڪ خريد ڪيون ٿا: ڊپو مالڪ

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال ۽ ڀرپاسي ڪڻڪ جي اٽي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو اوڏيرولال وليج اوڏيرولال اسٽيشن باڻو خان پنهاڻ قاضلاڻي موري نوبت مري طاهر هنگورو سميت ڀهراڻين ۾ اٽو اڻلڀ مهانگائي عوام جون واڏيون بدحال ڪري ڇڏيون اٽي جي کوٽ سبب في من اٽو ساڍا 6 هزار ڪان 7 هزار رپين تائين وڪامڻ لڳو آهي جنهن سبب پورهيت ۽ غريب طبقو
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ شادي تقريب ۾ نينگر جي مارجڻ واري واقعي جو جوابدار گرفتار

پوليس جوابدار شاهنواز اڄڻ کي گرفتار ڪري سرڪاري مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو

گمبٽ (ٽ ر) گمبٽ لڳ ڪنڌرو مستعي خان پوليس ٿاڻي جي حد بہ ڏينهن اڳ ڳوٺ لعل ڏنو اڄڻ ۾ شادي جي تقريب ۾ خوشي ۾ فائرنگ ڪرڻ دوران گولي لڳڻ سبب اٺ سالا نينگر عبدالحفيظ اڄڻ مارجي ويو هو ۽ نوجوان نسيم علي اڄڻ زخمي ٿي پيو هو، جنهن جي واقعي جو آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پاران نوٽيس وٺڻ بعد ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5



گمبٽ: مارجي ويل نينگر جو گرفتار جوابدار

ڪوٽڙي ۾ ريتي بجري ڊڪا مالڪن ۽ ٽرانسپورٽرز جو ميينا ڀتا خوري خلاف احتجاج

بااثر سياسي شخصيت ارباب سمون ايس ايس پي، ڊي سي ۽ مائن اينڊ منرل ڪاتي خلاف احتجاج

پوليس جي مدد سان ڀتو ورتو پيو وڃي موٽروي ۽ ايس ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو هڻنداسين: اڳواڻ

ڪوٽڙي (ن ع) ريتي بجري ڊڪا مالڪن ۽ ٽرانسپورٽرز جو بااثر سياسي شخصيت ارباب سمون ايس ايس پي جامشورو ڊي سي جامشورو ۽ مائن اينڊ منرل کاتي خلاف هنگامي پريس ڪانفرنس، ڀتا خوري خلاف 28 سيپٽمبر تي ايم نائن موٽروي ۽ ايس ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻي جو اعلان ڪوٽڙي ۾ ريتي بجري ڊڪا مالڪن ۽ ٽرانسپورٽرز ايسوسيئيشن جي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5



اسلام آباد: يوم سياه ڪشمير جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

سنڌ جي وحدت جي تحفظ لاءِ 29 نومبر تي ڪراچي ۾ لکين سنڌ واسي گڏ ٿيندا: ڊاڪٽر قادر مگسي

سنڌ جي تاريخي حيثيت ۽ جاگرافيائي سرحدن سان ڇيڙڇاڙ ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪنداسين

سنڌ جي اديبن دانشورن صحافين وڪيلن ۽ سول سوسائٽيءَ جي نمائندن جي شرڪت لاءِ 8 نومبر تي ڪراچي ۾ قومي ڪانفرنس ٿيندي

سنڌ جي وحدت ۽ قومي حقن جي تحفظ لاءِ سياسي، سماجي ۽ ترقي پسند ڌرين کي گڏيل جدوجهد ڪرڻ گهرجي



حيدرآباد: ايس ٽي پي چيئرمين قادر مگسي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ميزباني هيٺ منعقد ٿيل "سنڌ منهنجي امان" قومي ڪانفرنس ۾ شريڪ سياسي پارٽين جو گڏيل مشاورتي اجلاس سنڌ ترقي پسند
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

دڳهڙي پرسان زائرين سان ڀريل رڪشا ڪلٽي، 8 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

دڳهڙي (ن ع) ٽنڊو غلام علي کان سمن سرڪار جي ميلي ۾ شرڪت لاءِ ويندڙ زائرين سان ڀريل رڪشا دڳهڙي پرسان ٽنڊو جان محمد روڊ تي سامهون ايندڙ بئي رڪشا سان ٽڪرائجڻ بعد ڪلٽي ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا معمولي زخمي ٿي پيا زخمين ۾ شبير سجاد، پيارو بابي رشيد، وزير ۽ ٻيا شامل آهن حادثي کان پوءِ زخمين کي فوري طور تعلقي اسپتال
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ جعلي ڊگرين وڪري ۽ بنيادي مسئلن جي کوٽ خلاف شاگردن جو احتجاج

شاگردن طالب شر، شرجيل شر، اشفاق مهر، فراز مهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

جعلي ڊگرين ۾ ملوث ملازمن خلاف ڪارروائي ڪري بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

خيرپور (ڊ ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ جعلي ڊگريون وڪرو ڪندڙن خلاف ۽ يونيورسٽي ۾ بنيادي مسئلن جي کوٽ خلاف شاگردن جو احتجاج، اختيارين ڪان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو خيرپور جي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ شاگردن پاران لطيف يونيورسٽي ۾ جعلي ڊگرين جي ڪاروبار خلاف ۽ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي شاگرد طالب شر
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ ڳوٺاڻن جو حملي، تشدد ۽ فصل پيلاڻ خلاف احتجاج

برهان لنجو، اسلم لنجو ۽ ٻين اسان جي ٻنيءَ ۾ ڍڳين جو ڌڻ ڇڏي ڏنو: مظاهرين

ڍڳين سبب اسان جي فصل کي نقصان پهتو آهي، پوليس جي مدد سان ٻئاءُ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: سڪندر علي بجير) اسلام ڪوٽ ۾ ڳوٺاڻن جو احتجاج، بااثرن تي حملي، فصل پيلاڻ ۽ تشدد جو الزام، انهي سلسلي ۾ ڳوٺ ٻٽڙا پرسان ڪارين جي وانڌ جي رهواسين امينا بائيءَ، مير محمد لنجو ۽ علي مراد لنجو پريس ڪلب پهچي ڳوٺ سيروڙو جي بااثرن تي حملي، پوڪيل فصل پيلاڻ ۽ مارڪٽ ڪرڻ جو الزام هڻندي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ۽ انصاف جي گهر ڪئي آهي، مظاهرين پريس ڪلب آڏو ڌانهينڊي الزام هنيو تہ ڳوٺ سيروڙو جي برهان لنجو، اسلم لنجو بادل لنجو شريف لنجو ۽ ٻين مبينا طور
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5



هنگورجا: خيرپور صحافي اتحاد جي سڏ تي بدامني خلاف هنيل احتجاجي ڌرڻي جو ڏيک

غلام الله : ٽرالي جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، پوليس اهلڪار فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٺٽي-سجاول باءِ پاس روڊ تي تيز رفتار ٽرالي جو موٽرسائيڪل سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ پوليس اهلڪار رشيد خشڪ موقعي تي فوت، لاش اسپتال منتقل

ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي، پوليس ٽرالي کي تحويل ورتو

ٺٽو/غلام الله (نمائندن وٽان) پيرپٽو واسي پوليس اهلڪار ٺٽي پرسان روڊ حادثي ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام علائقي ۾ سوڳ ڇانيل ٺٽي سجاول باءِ پاس روڊ تي تيز رفتار ٽرالي جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ پوليس اهلڪار رشيد خشڪ
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5



اوڏيرولال: ڳوٺاڻا بنيادي سهولتن کان محروم هجڻ خلاف ڳوٺاڻا مظاهرو ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ منشيات، چوري ۽ بدامني خلاف سول سوسائٽي ۽ صحافي اتحاد پاران ريلي

صحافي اتحاد خيرپور پاران راڻيپور کان مريم توب چوڪ خيرپور تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

افسوس جو صحافين کان ڦر ٿيل ۽ چوري ٿيل موٽرسائيڪلون ٽرڙي پيو سامان اڃا واپس نہ ٿي سگهيو آهي: مظاهرين

ضلعي ۾ امن امان بهتر بڻائي، منشيات جو خاتمو ڪري صحافين جو چوري ۽ ڦر ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور ۾ منشيات، چوري ۽ بدامني خلاف سول سوسائٽي ۽ صحافي اتحاد پاران ريلي، صحافين جون چوري ٿيل موٽرسائيڪلون ۽
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

موملي ماڙي ۾ سنت شدارام جو 318 سالا ميلو ۽ سنت گوبندرام جو 82 سالا جنم ڏڻ ملهايو ويو

ميلي جي شروعات ڏڻي صاف تي گلن جي چادر چاڙهي، هون يگيہ ڪرڻ ۽ شري رامائڻ صاحب جي پاٺ پڙهڻ سان ٿي

ٽيئي ڏينهن ماتا منڊل جي ڀڳتن، ڀڳت سڌامچند دولتاڻي ۽ ڀڳت شنڪر لال ڀاٽيا جن ڀڳتي ڪري موج مچائي

ڀائي اميت ڪمار، ڀائي امبريش لال شداڻي، ڀائي ارجنداس ڪارڙا ۽ ٻين انتظامن جي سارسنڀال ڪئي

کاهپومهر (رپورٽ: سرچند ڪيورا) ضلعي گهوٽڪي جي تاريخي شهر ماٿيلو عرف موملي جي ماڙي ۾ قائم قديمي مندر ويد مندر ۾ هندو برادري جي روحاني پيشوا سنت شدارام صاحب جن جي 318 سالا
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5



کاهپومهر: ماٿيلو موملي جي ماڙي جي ويد مندر ۾ ميلي جو ڏيک

جيڪب آباد پرسان ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، 2 ڄڻا فوت، گهر ۾ ڪهرام

صدر ٿاڻي جي حد شڪارپور روڊ تي ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ ڳوٺ جهنگل خان ڪٽو جا رهواسي محسن ڪٽو ۽ محمد موسيٰ فوت

فوتين جا لاش سول اسپتال منتقل، ڪارروائي بعد وارثن حوالي، پوليس ٽرالر کي تحويل ورتو

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد پرسان صدر ٿاڻي جي حد شڪارپور روڊ تي ٽرالر جي ٽڪر ۾ ڳوٺ جهنگل خان ڪٽو جا رهواسي موٽرسائيڪل سوار محسن علي ڪٽو ۽ محمد موسيٰ ڪٽو موقعي تي فوت ٿي ويا، جنهن جا لاش سول اسپتال جيڪب آباد آندا ويا، جتي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو پوسٽ مارٽم بعد لاش وارث ڳوٺ کڻائي ويا، پوليس ٽرالر کي پنهنجي تحويل وٺي ڇڏيو



ڏگهڙي: ميينا ڪهاڙين جا ڌڪ لڳڻ سبب زخمي ٿيلن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

سکر ۾ ڳوٺاڻي جو مخالفن جي ناجائزين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) ڳاڙهي موري جي رهواسي محمد رمضان جوڻيجو مخالف ڌر پاران لڳايل الزامن کي رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ دعويٰ ڪئي آهي تہ مخالفن سندس ٿي گهر تي حملو ڪري سندس خاندان کي ڪوڙن الزامن ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي هن الزام لڳايو تہ سندس گهر
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

من پسند اميدوارن کي نوڪريون ڏيڻ ۽ اهل اميدوار کي نظرانداز ڪرڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي

جامشورو ۾ معذور ڪوٽا تي ڀرتين ۾ ميينا بي ضابطگيون، هاءِ ڪورٽ جو سخت ڪاوڙ جو اظهار

ڊپٽي ڪمشنر سميت لاڳاپيل عملدارن کي تعليمي سرٽيفڪيٽن جي جاچ ڪرائي ٻن هفتن ۾ رپورٽ ڏيڻ جو حڪم

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ حيدرآباد جامشورو ضلعي ۾ معذور ڪوٽا تحت ڀرتين دوران ميينا طور ميرٽ جي لتاڙ ۽ من پسند اميدوارن کي نوڪريون ڏيڻ خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪندي ڊپٽي ڪمشنر جامشورو سميت لاڳاپيل عملدارن تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي عدالت درخواستگذار ۽ ٻين اميدوارن جي تعليمي سرٽيفڪيٽن جي جاچ ڪرائي ٻن هفتن اندر رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي ٻن هفتن تائين ملتوي ڪري ڇڏي سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ پرسان ڊمپر جي ٽڪر ۾ عورت فوت، ڊرائيور فرار

ٿرڪول بلاڪ ون جي مين گيٽ پرسان حادثو، ڳوٺ لوڻيو سمان واسڻ فاطمہ فوت

تيز رفتار ڊمپرن سبب حادثا ٿين ٿا، ٽرانسپورٽ ڪمپنين کي پابند بڻايو وڃي: ڳوٺاڻا

حادثي جو ذميوار ڊرائيور گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: سڪندر علي بجير) اسلام ڪوٽ جي ويجهو ٿرڪول بلاڪ ون جي مين گيٽ پرسان نامعلوم گاڏي راهہ ويندڙ عورت کي چيپاٽي ڇڏيو جنهنجي سڃاڻپ ڳوٺ لوڻيو سمان واسڻ فاطمہ ڏال خان محمد طور ٿي آهي اسپتال انتظاميا موجب: اسلام ڪوٽ پوليس پاران زخمي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سکر جي ملڪ برادري جي ٻن ڌرين ۾ تڪرار جو نبيرو، ڌريون کير ڪنڌ

ملڪ هائوس تي تڪرار جو نبيرو صلع سردار لهڙي خان جي سربراهي ۾ ڪيو ويو

ٻنهي ڌرين ۽ معاملي ۾ شريڪ سمورن ماڻهن جون ڳالهيون غور سان ٻڌڻ بعد ڌرين کي کير ڪنڌ ڪيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ) ٻنهي ڌرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار کي ختم ڪرڻ لاءِ شاهہ فيصل ملڪ هائوس تي ڳالهائي ڪوٺائي وئي، جتي صلع سردار لهڙي خان جي سربراهي ۾ رئيس وزير علي ملڪ جهيڙي دوران زخمي ٿيل ماڻهن جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي، ٻنهي ڌرين ۽ معاملي ۾ شريڪ سمورن ماڻهن جون ڳالهيون غور سان ٻڌيون، ڳالهين ۽ صلاح مشورن ڪانپوءِ
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سکر جي منگي محلا ۾ صفائي بهاني چور ٻہ موٽرسائيڪلون کاهي ويا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ ٿاڻي سي سيڪشن جي حد ۾ واقع منگي محلا مان ٻن موٽر سائيڪلن جي چوري جو واقعو منظر عام تي آيو آهي مبينا طور تي ٻن نامعلوم ماڻهن جي روپ ۾ صفائي عملي جي روپ ۾ صبح سوير موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا، جڏهن تہ واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيجز پڻ سامهون
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪنڌيارو ۾ ڪنڀي گم ڪيل محسن جتوئي جي بازيابيءَ لاءِ احتجاجي ريلي

سياسي سماجي اڳواڻن ٽائون ڪاميٽي ڪان اسٽار چوڪ تائين ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

محسن جتوئي کي بلاجواز ڪنڀي گم ڪيو ويو آهي، ڪيس جلد آزاد ڪيو وڃي

ڪنڌيارو (ن ع) ڪنڌيارو ۾ وڌندڙ بدامنيءَ ۽ ڪنڀي گم ڪيل محسن جتوئي جي بازيابيءَ لاءِ سياسي سماجي اڳواڻن پاران ٽائون ڪاميٽي کان اسٽار چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي مختلف سياسي سماجي پارٽين جي اڳواڻن پاران اسٽار چوڪ احتجاجي مظاهرو ڪيو جسقم شهيد بشير خان پارٽين جي اڳواڻ حبدار ميربحر ايس ٽي پي ضلعي اڳواڻ ڪامريڊ ذوالفقار ملاح پورهيت مزاحمت تحريڪ جي اڳواڻ جبار مگريو ۽ ٻين چيو تہ محسن جتوئي کي بلاجواز
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ نوجوان اويس علي مهر جي قتل جو ڪيس داخل، رشتي تان تڪرار قتل جو انڪشاف

مقتول جي پيءُ غلام مصطفيٰ مهر جي فرياد تي مجاهد علي مهر سميت پنج ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

مجاهد مهر پنهنجي پٽن ۽ ساٿين سان گڏجي رٿابندي تحت سندس پٽ اويس علي مهر کي قتل ڪرايو: موقف

ڳجهي اطلاع تي رياض بروهي ۽ علي رضا مهر کي گرفتار، ٻين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن: پوليس

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور ۾ نوجوان اويس علي مهر جي قتل جو ڪيس داخل، رشتي تان تڪرار جو انڪشاف 2 جوابدار گرفتار چار ڏينهن اڳ شاهہ حسين ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ ملو مري پرسان قتل
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5



محرابپور: شاليمار ايڪسپريس جي بوگي جو ٽٽل ايڪسل

خيرپور ۾ پورهيت جي گهر کي باهہ، الهہ تلهہ سڙي رک، متاثر پاران مدد جي اپيل

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي شاهہ لطيف ٿاڻي حد واپڊا اسڪراپ ڪالوني پورهيت جي گهر کي باهہ لڳي وئي سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو پورهيت کليل آسمان هيٺ ويهڻ خيرپور جي شاهہ لطيف ٿاڻي جي حد واپڊا
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ماٿلي واسي جو ملڪيت تي قبضو ڪرڻ تي پنهنجي پيءُ خلاف احتجاج

ماٿلي (ن ع) ماٿلي شهر جي پارايي محلي جي رهواسين اڪبر پارايي پنهنجي پٽن ياٿن ۽ ٻارڙيسرين سان گڏ پريس ڪلب آڏو پنهنجي پيءُ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ريئي مظاهري کي خطاب ڪندي اڪبر پارايي صحافين آڏو پنهنجي پيءُ انور پارايي تي الزام هڻندي چيو تہ هو سندس ماٿلائي ملڪيت تي قبضو ڪري ويٺو آهي ۽ حق ڳهرڻ تي هن
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سنڌ هاءِ ڪورٽ سيبس يونيورسٽي جي اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر فنانس جي آئيني درخواست رد ڪري ڇڏي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ ڪورٽ حيدرآباد، سيبس يونيورسٽي جي اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر فنانس آصف علي شر جي صوبائي محتسب سنڌ جي فيصلي خلاف داخل آئيني درخواست رد ڪري ڇڏي درخواستگذار تي يونيورسٽي ۾ الزام هئا، جن تي ڪيس 2024 ع ۾ ملازمت تان برطرف ڪيو ويو هو عدالت 20 آڪٽوبر
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ روهڙي واسي پورهيتن جو زمين تي قبضي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي جي رهواسي متاثر ڀائرن جاويد صديقي ۽ مظهر صديقي پنهنجي شڪايت ۾ چيو آهي تہ موضع جهان خان تحصيل لکي غلام شاهہ ضلعي شڪارپور ۾ واقع پنج ايڪڙ زرعي زمين سندن مرحوم پيءُ جي موروثي ملڪيت آهي جڏهن تہ انهن موجب، اهي گڏريل ڏهہ سالن کان هن آباڻي زمين کي حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل ڪوشش ڪري
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: تعليمي بورڊ آفيس جو معطل ڊپٽي ڪنٽرولر اعجاز علي ميڊيا سان ڳالهائيندي

دڳهڙي ۾ جنرل اسٽور کي باهہ، دڪاندارن پنهنجي مدد پاڻ تحت ضابطو آندو

دڳهڙي (ن ع) دڳهڙي شاهي بازار جي جنرل اسٽور ۾ باهہ سامان جزوي طور متاثر دڳهڙي جي مک شاهي بازار ۾ پورو
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم جي عدالت پاران منشيات ڪيس ۾ جوابدار کي 3 سال قيد ۽ 2 لک رپيا ڏنڊ جي سزا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ ون وقاص قريشي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5



اسلام ڪوٽ: ڳوٺاڻا تشدد ۽ فصل پيلاڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

آفيس آف دي اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو ڪارو ڇاڻ ضلعو سجاول

روانگي نمبر 09 — تاريخ: 07-10-2026

عوامي اطلاع / پبلڪ نوٽيس

1. جيڪي بہ حقن سان لاڳاپيل "حقن جي رڪارڊ (Record of Rights)" جي آخري ڀيرو تصحيح 1985-1986 ع دوران، سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 ع جي سيڪشن 40 تحت ڪئي وئي هئي ۽ ان ڪان پوءِ اهڙي ڪا بہ سرگرمي عمل ۾ نہ آئي آهي.
2. رڪارڊ جي درستگيءَ کي يقيني بڻائڻ، ان جي سالميت برقرار رکڻ ۽ زمين جي رڪارڊ کي مڪمل طور تي ڊجيٽل (Digitalize) ڪرڻ جي مقصد سان، بورڊ آف روينيو سنڌ، 28 فيبروري 2025 ع تي منعقد ٿيل پنهنجي مڪمل بورڊ جي اجلاس ۾، صوبي اندر زمين جي رڪارڊ جي "خاص نظرثاني (Special Revision/Re-writing)" ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن جي شروعات ديهہ ٽڪيو، تعلقي ڪارو ڇاڻ، ضلعي سجاول ۾ پڻ ڪئي پئي وڃي.
3. اهڙي طرح بورڊ آف روينيو سنڌ، حقن جي رڪارڊ کي هڪ مضبوط ۽ معياري شڪل ڏيڻ ۽ ان کي ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ ذريعي عوام لاءِ آسان بڻائڻ لاءِ خاص مهم شروع ڪئي آهي.
4. تنهن ڪري، سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 ع جي سيڪشن 40 تحت حاصل ڪيل اختيار کي استعمال ڪندي، بورڊ آف روينيو سنڌ، حيدرآباد پاران جاري ڪيل حڪم (مورخہ 28 فيبروري 2025 ع) تحت هدايت ڪئي وئي آهي تہ ديهہ ٽڪيو، تعلقي ڪارو ڇاڻ جي حقن جي رڪارڊ جي "خاص نظرثاني" (تصحيح ۽ تصديق) ڪئي وڃي.
5. هن حڪم تحت تصديق ۽ تصحيح ٿيل رڪارڊ، سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 ع جي سيڪشن 42 جي ذيلي سيڪشن (11)، (12) ۽ (13) تحت مقرر ڪيل طريقيڪار مطابق لاڳاپيل مختيارڪار ۽ فرسٽ گريڊ اسسٽنٽ ڪليڪٽر طرفان صحيح طور تي تصديق ٿيل هوندو.
6. مٿين حوالي سان، هيٺ ديهہ ٽڪيو، تعلقي ڪارو ڇاڻ جي ڪاتيدارن جا نالا، سروي نمبر ۽ انهن جي ايراضي ڏجي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص کي ملڪيت، سروي نمبر، ايراضي يا ڪنهن قسم جو اعتراض هجي تہ هو 15 ڏينهن اندر اسسٽنٽ ڪمشنر ڪارو ڇاڻ آفيس ۾ پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي سگهي ٿو بي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل رڪارڊ واسطيدار ڪاتيدار جي نالي تي ٻيهر لکيو Re-Writing ويندو.

INF/KRY/4721/2026

اسسٽنٽ ڪمشنر
تعلقو ڪارو ڇاڻ

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through **SAP-Ariba Discovery** for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LH-PT-PnP-342118367-2026	FILTRATION MEDIA FILTERS AND FLUSHING SERVICES	09.11.2026 AT 1430 HRS
2.	OGDC-SCM-LH-PT-PnP-342263066-2026	MISCELLANEOUS INSTRUMENTATION SPARES	11.11.2026 AT 1430 HRS
3.	OGDC-SCM-LH-PT-SYSTEM-342087305-2026	KIOSK MACHINES FOR MEDICAL SERVICES DEPARTMENT	13.11.2026 AT 1430 HRS

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **06.10.2026**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-EXPL-334521738-2026	RE-PROCESSING AND INTERPRETATION OF GRAVITY AND MAGNETIC SURVEYS IN KILLA SAIFULLAH EXPLORATION LEASE (E.L)	05.11.2026 AT 1430 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.**
7. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Phone No. 92-51-920023652
ogdcl.com
No.257/23
LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.